روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اڱارو 16 مئي 2023 ع بمطابق 25 شوال المکرم 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 350

ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس، 9 مئي واقعن ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي جو اعلان

فورم اندروني ۽ ٻاهرين سيڪيورٽي صورتحال ۽ سياسي منصوبن لاءِ پيدا ڪيل ڪجهه ڏينهن جي امن امان جي صورتحال جو گڏيل جائزو ورتو، جڏهن ته شهيدن جي تصويرن ۽ يادگارن جي بي حرمتي جي گڏيل منصوبي تي به بريفنگ ڏني وئي

فورم جاري سياسي عدم استحڪام کي منهن ڏيڻ لاءِ سيني اسٽيڪ هولڊرن وچ ۾ قومي اتفاق راءِ ۽ عوامي اعتماد جي بحالي لاءِ قومي اتفاق راءِ جي ضرورت تي زور ڏنو

پروپيگنڊا جو مقصد هٿياربند فوج ۽ عوام وچ ۾ ڏار پيدا ڪرڻ آهي، دشمن قوتن جي اهڙي پروپيگنڊا کي پاڪستاني عوام جي حمايت سان شڪست ڏني ويندي ۽ پاڪستاني عوام هر ڏکئي وقت ۾ فوج سان گڏ بيٺو رهيو آهي

فوجي ملڪيتن جي پيچ ڏاهه تي ٻڌل گڏيل منصوبي تحت اداري کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جڏهن ته فورم کي بريفنگ ڏني وئي آهي ته منصوبو اداري کي ردعمل ڏيڻ ۽ اڪسائڻ لاءِ جوڙيو ويو

ڏوهن ۾ ملوث ماڻهن کي قانون تحت ڪٺهڙي ۾ آندو ويندو، ڏوهارين کي پاڪستان آرمي ايڪٽ ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ تحت ٽرائل ذريعي انصاف جي ڪٺهڙي ۾ آندو ويندو

راولپنڊي (م ڊ) آرمي چيف جنرل عاصم منير جي صدارت هيٺ خاص ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ 9 مئي جي واقعن ۾ ملوث جوابدارن خلاف آرمي ايڪٽ ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ تحت ٽرائل جو فيصلو ڪيو ويو آهي. آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف جنرل عاصم منير جي صدارت هيٺ خاص ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن وطن جي دفاع ۾ شهيد ٿيندڙن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01



راولپنڊي: آرمي چيف جنرل عاصم منير ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

پي ڊي ايم سربراهه مولانا فضل الرحمان جو سپريم ڪورٽ ٻاهران ڌرڻو ختم ڪرڻ جو اعلان

اسان عدالت جو وقار بحال ڪرڻ چاهيون ٿا، اجوڪي تاريخي ميڙاڪي ٻڌائي ڇڏيو ته فيصلو عوام کي ڪرڻو آهي: مولانا فضل الرحمان

سڄي پوليس ۽ رينجرز هٽي وڃي، اسان سپريم ڪورٽ جي عمارت جي حفاظت ڪنداسين. ڪو ماءُ جو پٽ ميري اک سان به هن عمارت کي نٿو ڏسي سگهي، هاڻ فيصلو پاڪستان جي عوام کي ڪرڻو آهي

اج اسلام آباد ۾ عوام جي عدالت لڳي آهي، عدليا جو احترام ڪرڻ تي يقين رکون ٿا، اسلام عدل ۽ انصاف جو حڪم ڏنو آهي، پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه اسيمبليون نه ٽوڙيون وڃن ها ته اڄ بحران نه هجي ها

جيڪڏهن ڪنهن تي انصاف جي ذميداري آهي ته ان کي هر ڌر تي برابر ڌيان ڏيڻ گهرجي، جانبدارانه عدالتي فيصلا قبول ناهن، چيف جسٽس حڪومت تي هٿ ڪنيو ته حڪومت جو تحفظ ڪنداسين

توهان ڪرسي ۽ اقتدار جو غلط استعمال ڪري چارٽن جي فيصلي کي ٽن ٻن جي فيصلي ۾ تبديل ڪيو، اسيمبليون ٽوڙڻ ۾ نه رڳو عمران خان ۽ پرويز الاهي پر عارف علوي به ملوث هئا: مريم نواز

عمران خان جي گرفتاري تي ماڻهو ٻاهر نه آيا، عمران خان جي گرفتاري تي تربيت يافته فسادي ٻاهر نڪري آيا، جن کي عمران خان بار بار ڪولڻ جي دعوت ڏني، انهن کي زمان پارڪ ۾ جاءِ ڏني وئي

اسلام آباد (م ڊ) پي ڊي ايم سربراهه مولانا فضل الرحمان سپريم ڪورٽ ٻاهران ڌرڻو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. پنهنجي خطاب ۾ مولانا فضل الرحمان چيو ته اسان عدالت جو وقار بحال ڪرڻ چاهيون ٿا، اجوڪي تاريخي ميڙاڪي ٻڌائي ڇڏيو ته فيصلو عوام کي ڪرڻو آهي. هن چيو ته سڄي پوليس ۽ رينجرز هٽي وڃي، اسان سپريم ڪورٽ جي عمارت جي حفاظت ڪنداسين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03



اسلام آباد: پي ڊي ايم جي ڌرڻي ۾ مولانا فضل الرحمان ۽ مريم نواز شريڪ آهن

پي ڊي ايم جي ڌرڻي جو مقصد چيف جسٽس کي دٻاءُ ۾ آڻڻ آهي: عمران خان

حڪمران جماعتن جي احتجاج جو مقصد چيف جسٽس کي آئين موجب فيصلو ڪرڻ کان روڪڻ آهي

لنڊن پلان تحت مون کي 10 سالن لاءِ قيد ۽ پي ٽي آءِ تي پابندي لڳائڻ جو منصوبو جوڙيو ويو آهي

جيئن اوير پاڪستان ۾ عوامي ليگ تي پابندي هڻي وئي هئي، تيئن منهنجي خلاف به بغاوت جو ڪيس داخل ڪرائي قيد ڪيو ويندو

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان دعويٰ ڪئي آهي ته پي ڊي ايم جي سپريم ڪورٽ آڏو ڌرڻي جو واحد مقصد چيف جسٽس کي دٻاءُ ۾ آڻڻ آهي. حڪمران جماعتن جي احتجاج جو مقصد چيف جسٽس کي آئين موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05



پي ٽي آءِ سربراهه عمران خان

علي زيدي هڪ مهيني لاءِ نظربند، جيڪب آباد جيل منتقل

ايم پي او ٿري جي تحت علي زيدي جي نظربندي جا حڪم جاري ڪيا ويا

علي زيدي کي آءِ جي سنڌ جي سفارش تي نظربند ڪيو ويو آهي: گهرو وزارت

ڪراچي (م ڊ) تحريڪ انصاف اڳواڻ علي زيدي کي جيڪب آباد جيل منتقل ڪيو ويو آهي. سنڌ جي گهرو وزارت موجب تحريڪ انصاف سنڌ جو صدر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عدالت عمران سان يڪجهتي ڪئي، پر جي ايڇ ڪيو سان ڪنهن به ٻڌي جو اظهار نه ڪيو: بلاول

جوابدار کي نائيس ٽو سي يو چوڻ بدران دهشتگردي جي مذمت ڪرڻ گهرجي ها

عمران خان کي فيصلو ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ گهرجي ها ته پي ٽي آءِ سياسي پارٽي آهي يا دهشتگرد تنظيم؟

عمران خان مذمت نه ڪئي آهي ته عوام ۽ سپريم ڪورٽ کي پي ٽي آءِ سان دهشتگرد تنظيم جهڙو رويو رکڻ گهرجي




اسلام آباد: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي

اسلام آباد (م ڊ) پرڏيهي وزير ۽ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ ۾ عمران خان سان ٻڌي جو اظهار ڪيو ويو، پر جي ايڇ ڪيو ۽ جناح هائوس سان ڪنهن به ٻڌي جو اظهار نه ڪيو. پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي خطاب دوران بلاول ڀٽو زرداري چيو ته جوابدار کي نائيس ٽو سي يو چوڻ بدران دهشتگردي جي مذمت ڪرڻ گهرجي ها. هن چيو ته عمران خان کي فيصلو ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ گهرجي ها ته پي ٽي آءِ سياسي پارٽي آهي يا دهشتگرد تنظيم؟ بلاول چيو ته عمران خان مذمت نه ڪئي آهي ته عوام ۽ سپريم ڪورٽ کي پي ٽي آءِ سان دهشتگرد تنظيم جهڙو رويو رکڻ گهرجي

چيف جسٽس خلاف ريفرنس آڻڻ جو فيصلو، قومي اسيمبلي ۾ ٺهراءُ منظور

حڪومت قومي اسيمبلي ۾ ريفرنس آڻڻ بابت ٺهراءُ پيش ڪيو، جيڪو منظور ڪيو ويو

پي ڊي ايم حڪومت عمران خان جي گرفتاري غير قانوني قرار ڏيڻ واري فيصلي کي جواز بڻائي چيف جسٽس کي ڌر قرار ڏنو



اسلام آباد (م ڊ) اتحادي حڪومت چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس عمر عطا بنديال خلاف ريفرنس آڻڻ جو اصولي فيصلو ڪري ورتو آهي. حڪومت قومي اسيمبلي ۾ ريفرنس آڻڻ بابت ٺهراءُ پيش ڪيو، جيڪو منظور ڪيو ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

آرمي چيف جو متحده عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زيد سان ٽيليفون تي رابطو

ٻنهي اڳواڻن ٻطرفي دفاعي لاڳاپن ۽ فوجي تعاون تي ڳالهيون ڪيون ويون

آرمي چيف جنرل عاصم منير ۽ يو اي اي صدر وچ ۾ ٻطرفو تعاون وڌائڻ تي به اتفاق ڪيو ويو

راولپنڊي (م ڊ) آرمي چيف جنرل عاصم منير ۽ متحده عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زيد وچ ۾ ٽيليفون تي رابطو ٿيو آهي. آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف جنرل عاصم منير ۽ متحده عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زيد وچ ۾ ٽيليفون تي رابطو ٿيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سپريم ڪورٽ حالتون بهتر بڻائڻ لاءِ حڪومت ۽ پي ٽي آءِ کي هڪ دفعو ٻيهر ڳالهين جي تجويز ڏئي ڇڏي

ملڪي ادارن ۽ اثاثن کي ساڙيو پيو وڃي، عدالت کي صرف آئين نه پر حالتن کي به ڏسڻو آهي: چيف جسٽس عمر عطا بنديال

ادارن جي تذليل ۽ سرڪاري ملڪيتن کي ساڙيو پيو وڃي، جڏهن جنگي حالتون هجن ته قانون خاموش ٿي ويندو آهي

اليڪشن ڪميشن جي نظرثاني درخواست جي ٻڌڻ جو ڪهڙي هجڻ تي دليل ڏيو، اوهان دليلن ۾ ڪيترو وقت وٺندو؟

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جي 14 مئي تي پنجاب ۾ چونڊن جي حڪم تي 4 اپريل جي فيصلي خلاف اليڪشن ڪميشن جي نظرثاني درخواست جي ٻڌڻي ٿي، سپريم ڪورٽ حالتون بهتر بڻائڻ جي لاءِ حڪومت ۽ پي ٽي آءِ کي هڪ دفعو ٻيهر ڳالهين جي تجويز ڏئي ڇڏي آهي. عدالت سياسي پارٽين سميت پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه جي ايڊووڪيٽ جنرل کي به نوٽيس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

قومي احتساب ترميمي بل 2023 منظور

نيب قانون کي ڪاري قانون طور استعمال ڪيو ويو: اعظم نذير تارڙ

اسٽينڊنگ ڪميٽي ۾ نيب قانون کي ختم ڪرڻ تي به ڳالهه ٻولهه ٿي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) قومي احتساب ترميمي بل 2023ع پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ منظور ڪيو ويو، پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس دوران قانون واري وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ قومي احتساب ترميمي بل 2023 تي خيالن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سڄي ملڪ ۾ هڪ هفتي جي بندش کان پوءِ سوشل ميڊيا ايپس کي بحال ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) سڄي ملڪ ۾ هڪ هفتي جي بندش کان پوءِ سوشل ميڊيا ايپس کي بحال ڪيو ويو آهي، پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

بشريٰ بي بي جي ضمانت منظور، عدالت 23 مئي تائين گرفتاري کان روڪي ڇڏيو

اڳوڻي وزيراعظم جي گهرواري بشريٰ بي بي حفاظتي ضمانت جي لاءِ اڄ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿي

لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ بشريٰ بي بي جي درخواست تي جسٽس شهباز رضوي جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ ٻڌڻي ڪئي

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ اڳوڻي وزيراعظم ۽ تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جي گهرواري بشريٰ بي بي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اداڪارا شبيران چنا جو مڙهه بلال ڪالوني ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي

گلستان جوهر ۾ جنازي نماز ادا ڪئي وئي، منان عباسي، اسد قريشي ۽ ٻين فنڪارن تعزتي شهرين شرڪت ڪئي

شبيران چنا قاضي احمد ريجهو روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيڻ بعد ڪراچيءَ جي اسپتال ۾ علاج هيٺ هئي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويل سنڌ جي ليجنڊ اداڪارا شبيران چنا جو مڙهه بلال ڪالوني ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو شبيران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ملڪ جي ڀلائي ان ۾ آهي ته نيب کي ختم ڪيو وڃي: شاهد خاقان عباسي

نواز شريف جو ڪيس سپريم ڪورٽ جي نگراني ۾ هليو، هڪ سينيئر سياستدان کي تاحيات نااهل قرار ڏنو ويو آهي

نواز شريف، يوسف رضا گيلاني الڳ قانون آهي، هن وڏيڪ چيو ته اسان خلاف ڪيسن جي ڪا حيثيت ناهي

100 کان وڏيڪ جاچ ٿي آهي، رمانڊ تي جيل ويو آهي، اسان رويو ناهي

ڪراچي (رپورٽر) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو آهي ته نيب جي خاتمي ۾ ئي ملڪ جي ڀلائي آهي، احتساب عدالت ۾ پيشي جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي شاهد خاقان عباسي چيو ته نواز شريف جو ڪيس سپريم ڪورٽ جي نگراني ۾ هليو، هڪ سينيئر سياستدان کي تاحيات نااهل قرار ڏنو ويو آهي. نواز شريف، يوسف رضا گيلاني الڳ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

پاڪستان حڪومت کي ڏکڻ ڪوريا وڌو رليف ڏئي ڇڏيو

20 قرض ملتوي ڪرڻ جي قدم جي معاهدي تي صحيحون ڪري ڇڏيون

رقم جي ادائيگي جولاءِ ۽ ڊسمبر 2021 جي وچ ۾ ٽيٽي هئي

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت کي قرضن ۾ ڏکڻ ڪوريا کان رليف ملي ويو. پڌرائيءَ موجب ڏکڻ ڪوريا هڪ ڪروڙ 91 لک ڊالرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15



ڪراچي: صوبائي وزير امتياز شيخ اجلاس جي صدارت ڪندي

آفيسر عوام جي خدمت ڪن ۽ امن قائم ڪرڻ ۾ ڪاتي جي مدد ڪن: مراد علي شاهه

جهيڙن، ڦرلٽ، اغواءِ ٽارگيٽ ڪلنگ کي منهن ڏيڻ ۾ سنڌس تجربن کي استعمال ڪيو وڃي

عملدار ايمانداري سان ڪم ڪن، 30 ڊي ايس پيز کي ايس پي جي عهدن تي ترقي ڏني آهي: چيف سيڪريٽري

وڏي وزير پوليس ڪاتي کي جديد هٿيارن ۽ گيجٽس جي خريداري ۽ سڪيا بابت جديد ٻڌايو آهي: تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبائي حڪومت جي نون ترقي ماٿيندڙ ايس پيز تي زور ڀريو آهي ته هو صوبي جي عوام جي خدمت ڪن ۽ امن امان کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ڪاتي جي مدد ڪن چوڻ سنڌ پوليسنگ جو 25 سالن کان وڏيڪ تجربو آهي. هن اها ڳالهه اڄ وزيراعليٰ هائوس ۾ ترقي ماٿيندڙ ايس پيز کي رينڪ ڏيندڙ واري تقريب کي خطاب ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27



اسلام آباد: وفاقي وزير خواجا سعد رفيق اجلاس جي صدارت ڪندي

گهوٽڪي ۾ پوليس پڪٽ تي حملو هڪ اهلڪار شهيد، 3 زخمي

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي ويجهو هٿياربندن پوليس پڪٽ تي حملو ڪري هڪ اهلڪار کي شهيد ۽ ٽن کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي. هٿياربندن صادق لکڻ پوليس پڪٽ تي حملو ڪيو، فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويو، جڏهن ته 3 زخمي ٿي پيا آهن. پوليس ۽ هٿياربندن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ جاري آهي

مُلڪ ۾ سون اڳهن ۾ واڌ، سوين رُپيا مهانگو ٿي ويو

ڏهه گرام سون جي قيمت 943 رُپيا واڌ بعد ٻه لک 1 هزار 560 رپيا آهي

ڪراچي (م ڊ) مُلڪ ۾ سون جو في تولو سوين رپيا مهانگو ٿي ويو آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

عمران خان کي سرعام ڦاهي ڏيڻ گهرجي ها: راجا رياض

عمران خان ۽ ان جي ساٿين اهو ڪم ڪيو، جنهن سان سڄي قوم جو ڪنڌ شرم وچان جهڪي ويو

اڄ سڄو ايوان شرمندو آهي، جيڪي جهاز پارٽ نه ڪيرائي سگهيو، اهي شرپسندن ساڙي ڇڏيا

اسلام آباد (م ڊ) قومي اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر راجا رياض چيو آهي ته تحريڪ انصاف جيڪو ملڪ سان ڪيو، اهو اڄ تائين پارٽ يا طالبان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

15 ڏينهن جي واڌ هجي يا 50 ڏينهن جي، آبادي پوري ڳڻيو: حافظ نعيم

گذريل 15 ڏينهن ۾ رڳو 10 لک ماڻهن کي ڳڻيو ويو آهي 16 هزار جي عملي هڪ لک گهرن جي گهرشماري ڪئي آهي

آدمشماري جي عملي نارٿ ناظم آباد ۾ فارم ڏنا، ايس او پي مطابق گهرشماري ڊجيٽل ٿيڻي هئي

ڪراچي (رپورٽر) امير جماعت اسلامي ڪراچي حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته آدمشماري لاءِ 15 ڏينهن جي واڌ هجي يا 50 ڏينهن جي ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سنڌ ساگر پارٽي جو اجلاس، سياسي صورتحال تي ڳڻتي ظاهر

اجلاس دوران ملڪ جي ايڪانامي صورتحال کي تشويشناڪ قرار ڏنو ويو

خيرپور ميرس (ب ر) سنڌ ساگر پارٽي جو سينٽرل ڪميٽي جو اجلاس نيڙهي شهر ضلع خيرپور ميرس ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ ملڪي سياسي صورتحال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

عمران خان ملڪ جي وقار کي داءُ تي لڳائي ڇڏيو آهي: مريم اورنگزيب

پاڪستان محفوظ هٿن ۾ آهي، تباهه ٿيل معيشت ۽ ڏفالٽ ملڪ اسان کي ورثي ۾ مليو، عمران خان کي القادر ٽرسٽ ڪرپشن ڪيس ۾ گرفتار ڪيو

پي ٽي آءِ جي هٿيارٻندن ايمبولينسن مان مريضن کي ٻاهر ڪڍي ايمبولينس کي باهه ڏئي ڇڏي، اسڪولن تي حملا ڪيا، اسپتالون ساڙي ڇڏيو

عمران خان ڪرپشن ڪيس ۾ جواب ناهي ڏنو هو جسماني رمانڊ تي هو ۽ ان جي باوجود هو 48 ڪلاڪن اندر جيل مان ٻاهر نڪتو ملڪ جي تاريخ ۾ ائين ڪڏهن به نه ٿيو آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته پاڪستان محفوظ هٿن ۾ آهي، عمران خان ڇهن سالن ۾ ملڪ جي وقار کي داءُ تي لڳائي ڇڏيو، ملڪي تاريخ ۾ سڀ کان وڌيڪ قرض ورتو، آءِ ايم ايف پروگرام/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ترڪيه: صدارتي چونڊن ۾ اردوان سميت ڪوبه ميمبر 50 سيڪڙو ووٽ نه کڻي سگهيو، ٻيهر ووٽنگ جو امڪان

انقره (م ڊ) ترڪيه جي صدارتي ۽ پارلياماني چونڊن کان پوءِ ڳڻپ جو عمل شروع ٿي ويو ۽ شروعاتي نتيجن موجب صدر رجب طيب اردوان کي مخالف اميدوارن تي برتري حاصل آهي. البت انهن جا 50 سيڪڙو ووٽ کڻڻ جا امڪان نه آهن. ترڪ ميڊيا رپورٽ موجب ترڪيه ۾ صدارتي چونڊن ۾ 98 سيڪڙو ووٽن جي ڳڻپ مڪمل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19



وفاقي وزير مريم اورنگزيب (فائل فوٽو)

ٽي وي چينل ڪنهن به رياستي اداري خلاف مواد نشر نه ڪرڻ کي يقيني بڻائين: پيمرا

آئين جي آرٽيڪل 19 تحت اظهار جي آزادي ۽ تقرير هر شهري جو بنيادي حق آهي

اها آزادي قانون تحت ڪجهه مناسب پابندين سان مشروط آهي، رياستي ادارن خلاف مواد نشر ڪرڻ پيمرا آرڊيننس جي ڀڃڪڙي آهي

2015 جي ضابطن تحت ٽي وي چينل هٿياربند فوجن ۽ عدليا خلاف مواد نشر نٿا ڪري سگهن

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان اليڪٽرانڪ ميڊيا ريگيوليٽري اٿارٽي (پيمرا) هدايت ڪئي آهي ته ٽي وي چينل ڪنهن به رياستي اداري خلاف مواد نشر نه ڪرڻ کي يقيني بڻائين. پيمرا طرفان جاري ڪيل پڌرنامي ۾ چيو ويو آهي ته آئين جي آرٽيڪل 19 تحت اظهار جي آزادي ۽ تقرير هر شهري جو بنيادي حق آهي پر اها آزادي قانون تحت ڪجهه مناسب پابندين سان مشروط آهي. رياستي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اذان سميع خان امڙ کي پيتا پيش ڪرڻ لاءِ "ماءُ" جي نالي ڪلام لاءِ آرٽ ورڪ پڌرو ڪري ڇڏيو

شاهڪار پوشاڪ، سنڌس وارن ۾ گل ۽ پس منظر ۾ ڪهڪشان جي عنصرن جي عڪاسي ٿيل آهي

سوچيو هو ته البم لاءِ پهريون آرٽ ورڪ پڌرو ڪرڻ جو اهو بهترين طريقو هوندو": ڪيپشن ۾ اظهار

پروڊيوسر طلال قريشي سان گڏ "من مرضي" نالي سان هڪ ٽريڪ نادان دل جي تياري پڻ شيئر ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) امڙين جي ڏهاڙي جي موقعي تي، گلوڪار ۽ ميوزڪ ڪمپوزر اذان سميع خان پنهنجي اينڊڙ گانن مان "ماءُ" جي نالي هڪ گاني لاءِ آرٽ ورڪ پڌرو ڪيو آهي. آرٽ ورڪ ۾ سنڌس ماءُ اداڪاره زيبا بختيار سان لاڳاپيل مثالي شيون جن ۾ اڇي رنگ جي شاهڪار پوشاڪ، سنڌس وارن ۾ گل ۽ پس منظر ۾ ڪهڪشان جي عنصرن جي عڪاسي ٿيل آهي جيڪ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23



عدنان سميع خان ماءُ سان گڏ بيٺل ٻئي پاسي پڌرو ڪيل آرٽ ورڪ

فرانس، يوڪرائن کي روس خلاف ويڙهه ۾ سهڪار جي خاطري ڪرائي ڇڏي

پئرس (م ڊ) فرانس طرفان روس سان ويڙهه لاءِ يوڪرائن کي وڌيڪ ٽئنڪ ۽ ٻيو سامان ڏيڻ جي خاطري ڪرائي وئي آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب، يوڪرائن جي صدر والاديمير زيلنسڪي اڄڪر جي ڏينهن فرانسيسي صدر ميڪرون سان پئرس ۾ ملاقات ڪئي آهي. ٻنهي اڳواڻن وچ ۾ ٿيل ملاقات دوران فرانس واعدو ڪيو ته هو يوڪرائن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پي ڊي ايم ڌرڻو: پاڪستان جي تباهي جا ذميوار ججز جا فيصلا آهن: مريم نواز

چيف جسٽس عوامي سمنڊ کي ڏسي اوهان کي خوشي ٿي يا نه؟ اسان سپريم ڪورٽ جو احترام ڪريون ٿا

اوهان دهشتگرد جا سهولتڪار بڻيل آهيو، آئين ۽ قانون پارليامينٽ کي جنم ڏنو پر اوهان ته اُن جا ٽڪرا ڪري وڌا آهيو

اڄ پاڪستان ۾ فوج مارشل لا لڳائڻ جي حق ۾ ناهي ته چيف جسٽس جڊيشل مارشل لا لڳائي ڇڏيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) نواز ليگ جي مرڪزي اڳواڻ مريم نواز چيو آهي ته چيف جسٽس عوامي سمنڊ کي ڏسي اوهان کي خوشي ٿي يا نه؟ اسان سپريم ڪورٽ جو احترام ڪريون ٿا، اسان آئين ۽ قانون تي هلندڙ ججز جو احترام ڪريون ٿا مريم نواز سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس تي تنقيد ڪندي چيو ته اوهان دهشتگرد جا سهولتڪار بڻيل آهيو، آئين ۽ قانون پارليامينٽ کي جنم ڏنو پر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

آئيني اختيار استعمال ڪرڻ جو وقت اچي ويو: خواجه آصف

پارليامينٽ چيف جسٽس جي مس ڪنڊڪٽ جو جائزو وٺي، فيصلن بدران سياست ڪندڙ ججز خلاف ريفرنس داخل ڪيو وڃي

عمران خان کي رليف ڏئي هڪ فتني کي هٿي ڏني وئي آهي، چارٽن جو فيصلو آيل آهي ۽ ان جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي

وزيراعظم کي چوندس ته لکنوي انداز اختيار نه ڪيو وڃي، جيڪي آواز اچن پيا انهن جوان ئي زبان ۾ جواب ڏيڻو پوندو

اسلام آباد (م ڊ) دفاع واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته آئيني اختيار استعمال ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي، پارليامينٽ چيف جسٽس جي مس ڪنڊڪٽ جو جائزو وٺي، فيصلن بدران سياست ڪندڙ ججز خلاف ريفرنس داخل ڪيو وڃي قومي اسيمبلي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16



اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف قومي اسيمبلي اجلاس ۾ ويٺل آهي

سڄي ملڪ ۾ 5 ڏينهن واري پوليو خلاف مهم شروع، 19 مئي تائين جاري رهندي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سڄي ملڪ ۾ 5 ڏينهن واري پوليو خلاف مهم شروع ٿي رهي آهي، اها مهم 19 مئي تائين جاري رهندي، پوليو خلاف مهم ۾ پنجن سالن کان گهٽ عمر جي 22 لک ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي، توهان به پنهنجي ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارو ۽ انهن کي عمر ڀهر جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

بجلي جي لوڊشيڊنگ سبب شهر ۾ واٽر سپلاءِ ۽ نيڪال جو نظام سخت متاثر ٿيو آهي: امتياز شيخ

ڪراچي (رپورٽر) بجلي جي فراهمي ۾ تسلسل نه هجڻ سبب شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪال جي پمپنگ اسٽيشنن ۾ پيش ايندڙ مشڪلاتن کي حل ڪرڻ لاءِ توانائي واري صوبائي وزير امتياز احمد شيخ جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ سيڪريٽري انرجي، ڪي اليڪٽرڪ جي چيئرمين مارڪ اسڪيلٽن، سي اي او سيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22



ناڪاري سوچ ملڪ کي ناقابل تلافي نقصان پهچايو آهي: مرتضيٰ وهاب

هڪ پاسي جلاءُ گهيراءُ ۽ ان جي سياست آهي، عام ماڻهن جي شين کي ساڙيو ويو ته عمران خان خلاف قانوني ڪارروائي چوٿي رهي آهي

هن ملڪ ۾ هڪ انتهائي افسوسناڪ روايت جو آغاز ٿيو، جنهن ۾ ملڪ دشمنن جو نشانو اهو آهي ته پاڪستان ۾ استحڪام نه اچي

آءِ ايم ايف چيو آهي ته ملڪي صورتحال جو آءِ ايم ايف تي ڪو به اثر نه پوندو: سنڌ حڪومت جو ترجمان

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ سنڌ جي قانون واري صلاحڪار بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته موجوده صورتحال ۾ جڏهن ناڪاري خبرون گردش ڪري رهيون آهن ته منفي سوچ وڌي ٿي. اها منفي سوچ پاڪستان کي نقصان پهچائي رهي آهي. مسئلن جي ان پنور مان نڪرڻ جي لاءِ ان سوچ کي ختم ڪرڻو پوندو، جڏهن ناڪاري سوچ ختم ٿيندي ته ملڪ ۾ سياسي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اذان سميع خان امڙ کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ "ماءُ" جي نالي ڪلام لاءِ آرٽ ورڪ پڌرو ڪري ڇڏيو

شاهڪار پوشاڪ، سنڊس وارن ۾ گل ۽ پس منظر ۾ ڪهڪشان جي عنصرن جي عڪاسي ٿيل آهي

سوچيو هو ته البم لاءِ پهريون آرٽ ورڪ پڌرو ڪرڻ جو اهو بهترين طريقو هوندو": ڪيپشن ۾ اظهار

پروڊيوسر طلال قريشي سان گڏ "من مرضي" نالي سان هڪ ٽريڪ نادان دل جي تياري پڻ شيئر ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) امڙين جي ڏاڍڑي جي موقعي تي، گلوڪار ۽ ميوزڪ ڪمپوزر اذان سميع خان پنهنجي ايندڙ گائن مان "ماءُ" جي نالي هڪ گاني لاءِ آرٽ ورڪ پڌرو ڪيو آهي. آرٽ ورڪ ۾ سنڊس ماءُ اداڪاره زيبا بختيار سان لاڳاپيل مثالي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01



ڏهرڪي لڳ قديمي قبرستان ڪنو شهيد تي بااثر ماڻهن جو قبضو، احتجاجي مظاهرو

ڏهرڪي (رپورٽر) ڏهرڪي لڳ قديمي قبرستان ڪنو شهيد تي بااثر ماڻهن جو قبضو، احتجاج، انصاف جي اپيل. بااثر گلشير شر ۽ بهار شر قبرستان جي زمين ۾ هر ڪاهي قبضو ڪري فصل پوکي رهيا آهن. ۽ قيمتي سامان کني ويا آهن. جنهن خلاف عبدالرزاق شر، ڪمال شر، محمد نواز شر، دادا شر ۽ امام بخش شر پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪنهن به ذخيره اندوزي ڪندڙ واپاريءَ کي بخش نه ڪيو ويندو: نياز حسين آريجو

غير قانوني طور تي ڪڻڪ خريد ڪري اسٽاڪ ڪندا ذخيره اندوزي ڪندا اسان اتي چاپا هڻنداسين

موبين قريشي جي گدامن مان 4300 هوريون ڪٽڪ جو غير قانوني طور گڏ ڪيل هٽ ڪيون آهن

نوشهروفيروز (ڊ ر) ڪنهن ب ذخيره اندوزي ڪندڙ واپاري* کي بخش ن ڪيو ويندر اهڙن خيالن جو اظهار ڊي آءُ سي نياز حسين آريجومختيار ڪار عبدالشڪور سولنگي فوڊ انسپيڪٽر نبي بخش لغاري ۽ پين ميڊيا سان گڏاهيندي چيوت جڏهن جڏي واپاري غير قانوني طور تي ڪڻڪ خريد ڪري اسٽاڪ ڪندا ذخيره اندوزي ڪندا اسان اتي چاپا هڻي غير قانوني طور تي گڏ ڪيل ڪٽڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سچوا اسلام آباد جي صدر جي ڪوشش ڳوٺ سومرچنڙ ۾ فلاحي تنظيم جي حلف برداري تقريب

فلاحي تنظيم سومرچنڙ ويلفيئر ايسوسيئيشن (سچوا) جي حلف برداري تقريب منعقد ڪئي وئي

تنظيم جو سياست سان واسطو ناهي سياسي حساب سان ڪير ڪنهن جو ووٽر آهي: الطاف حسين

سومر چنڙ ۾ رهندڙ چنڙ ميمڻ سولنگي پٽي چنا سپ ذاتين وارا اسان جا پائر آهن، مسئلا حل ڪنداسين

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ڪنڊيارو سچو اسلام آباد جي صدر ممتاز علي چنڙ جي ڪوشش سان ڳوٺ سومرچنڙ ۾ فلاحي تنظيم سومرچنڙ ويلفيئر ايسوسيئيشن (سچوا) جي حلف برداري تقريب وڏيرو الطاف چنڙ جي اوطاق تي گڏجي جنهن ۾ چيئرمين الطاف حسين چنڙ وائيس چيئرمين قربان علي چنڙ جنرل سيڪريٽري حاجي لطف الله چنڙ جوائنٽ سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12



ڪڙيو گهنور ۾ جعلي ايف آئي آر معاملو: ايس ايڇ او پنهنجي هٽ ڏرمي تي قائم

ڪڙيو گهنور (رپورٽر) جعلي ايف آئي آر معاملو ايس ايڇ او ڪڙيو گهنور الاول خاصخيلي پنهنجي هٽ ڏرمي تي قائم. بااثرن جي ونگار جاري 1 اپريل تي داخل ڪيل جعلي ايف آئي آر جو ڪورٽ سکوري ۾ چالان ٿي پيش نه ڪيو ويو. ايس ايڇ او ڪڙيو گهنور الاول خاصخيلي پاران 1 اپريل تي شيدي برادري جي ماڻهن مٿان جهڙي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13



سچوا اسلام آباد جي صدر جي ڪوشش ڳوٺ سومرچنڙ ۾ فلاحي تنظيم جي حلف برداري تقريب جو ڏيک

معذور اتحاد سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن سکر پاران مطالبن جي ميڙ لاءِ احتجاج

شاهنواز ڪانڊڙو، طالب حسين ملاح، نعمت الله ميراڻي پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اسان معذور بيروزگار آهيون، اسان جا هار بڪ ۽ بدحالي جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن:مظاهرين

ڪيترن ئي سالن کان نوڪرين جي فراهمي لاءِ عدالت سان رجوع ڪري رهيا آهيون پر مسئلو حل ناهي ٿيو

سکر(رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ) معذور اتحاد سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن سکر پاران سرڪاري ڪاتن ۾ نوڪرين نه ملڻ خلاف مختلف علاقن جي معذورن جو ڪلب آڏيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي مظاهري جي آگواڻي ڪندڙ شاهنواز ڪانڊڙو، طالب حسين ملاح، نعمت الله ميراڻي احمد خان مهر، نثار احمد جاڄڙ ۽ ٻين معذورن جو چوڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

پ پ شهيد پٽو جي سينئر آگواڻ علي محمد جمالي جي 2 ورسي ملهائي وئي

پ پ شهيد پٽو جي صوبائي آگواڻن عنايت عمراڻي، سائين اسلم شاهه، دلمراد جتوئي پاران شرڪت

صمد عباسي،غلام نبي جمالي،عيدن خان جتوئي،محمد يونس جمالي ۽ ٻين پاران آگواڻن کي پيٽا پيش

علي محمد جمالي جي وڇوڙي سان دادو توڙي سنڌ اندر پ پ شهيد پٽو پارٽي کي نقصان رسيو آهي: آگواڻ

دادو(عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ پ پ شهيد پٽو جي مرڪزي آگواڻ ڪامريڊ علي محمد جمالي جي 2 ورسي تقريب دادو پريس ڪلب جي ڪانفرنس هال ۾ ملهائي وئي. پ پ شهيد پٽو جي مرڪزي آگواڻ عنايت علي عمراڻي، غازي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18



ب پ شهيد پٽو جي سينئر آگواڻ علي محمد جمالي جي 2 ورسي ملهائي وئي

تعلقي ڪوٽ غلام محمد لڳ ڪچي ڳوٺ ديهه 333 ۾ ناري انت آٿي چڙيو

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) تعلقي ڪوٽ غلام محمد لڳ ڪچي ڳوٺ ديهه 333 ۾ 20 سالن جي نوجوان شادي شده ناري سنگيتا ڀل راجيش ميگهواڙ گهرو اٽڪڻت سبب قاهو ڪائي پنهنجي زندگي جوڏيو اجهائي چڏير سندس مؤس راجيش جي موقف مطابق آسان جو گهر ۾ معمولي ڳالهه تان ٽورو تڪرار ٿيو هن پنهنجي مائٽن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سکر سائيٽ جي ملازمن کي ٻن مهينن جي پگهار نه ملي، ريٽائرڊ ملازم پينشن کان محروم

ريٽائرڊ فوتي ملازمن جون بيواهه، نياٽيون ۽ ٻيو اولاد پينشن لاءِ سائيٽ آفيسن جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور

ملازمن کي ٻن اپريل ۽ 17 اپريل کان مئي مهيني جي عيد ايدوانس اعلانيل پگهار ناهي ملي سگهي: ذريعا

اڪائونٽ آفيسرن طرفان پينشنرن سميت ٻين ملازمن کي اپريل ۽ مئي مهيني جي پگهار جي ادائيگي ناهي ڪئي

سکر(رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ) سائيٽ جي ملازمن کي ٻن مهينن جي پگهار نه ملي. ريٽائرڊ ملازم پينشن کان محروم. عيد ايدوانس طور پگهار نه ملڻ ڪري سوين ملازم عيد خوشيون نه ملهائي سگهيا. ريٽائرڊ فوتي ملازمن جون بيواهه. نياٽيون ۽ ٻيو اولاد پينشن جي رقم وڻڪ لاءِ سائيٽ آفيسن جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور. رپورٽ موجب سائيٽ ايريا ڪراچي، نوري آباد، ڪوٽڙي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دادو ايريگيشن جي ملازمن جا جائز مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ملازمن پاران 17 مئي ٽي اي سي ايريگيشن دادو آفيس آڏو ڌرٽي جو اعلان ڪيو ويو

ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن سب ڊويزن دادو جي صدر نبي بخش جمالي ۽ ٻين پاران احتجاج

ڪلارڪ اڪبر ڪنپر ڪوڙا بل پاس ڪري مبينا ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ڪري رهيا آهن: مظاهرين

دادو(ن سنڊيان)دادو ايريگيشن جي ملازمن جا جائز مسئلا حل نه ٿيڻ ۽ آفيسرن پاران ملازمن کي نظر انداز ڪرڻ خلاف آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن پاران اي سي دادو خلاف احتجاج 17 مئي ٽي اي سي ايريگيشن دادو آفيس آڏو ڌرٽي جو اعلان ڪيو ويوان موقعي تي آل سنڌ ايريگيشن سب ڊويزن دادو جي صدر نبي بخش جمالي جنرل سيڪريٽري علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27



خليفو قاسر پرسان 22 سالن جي نوجوان ناري پاران پيٽ ڪان ڪاوڙجي آپگهات ڪوشش

ٽنڈوياگو(رفاقت جروار) خليفو قاسر پرسان 22 سالن جي نوجوان ناري فهميده ڏيءَ قادر بخش پنهنجي وڏي پيٽ سان ناراض ٿي گهر ۾ پيل زهريلي دوا پي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن کي گهر وارن تعلقه اسپتال ٽنڈوياگو پهچايو جتي ڊاڪٽرن هن جي حياتي بچائي ورتي.....

دادو ايريگيشن جي ملازمن جا جائز مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

وڏي پائڻ وقت ئي شهادت جو قسر ڪٽي ميدان ۾ لهندا آهيون: عرفان سمون

ڏوهاري سمجهن ٿا ته اهي پوليس پڪڙن تي حملا ڪري ڏيجاري سگهن ٿا ته اها پل آهي

پوليس پرپور ڪاروايون ڏوهارين خلاف جاري رکندي- اسان هر ڪاروائي جو منهن ٽوڙ جواب ڏينداسين

ايس ايس پي عرفان علي سمون پاران شهيد اهلڪار غلام نبي سومرو جي ٻن پٽن کي نوڪري ڏيڻ جو اعلان

غوٿپور (عبدالنبي ملڪ) غوٿپور جيڪڏهن ڪجي جا ڏوهاري سمجهن ٿا ته اهي پوليس پڪڙن تي حملا ڪري ڏيجاري سگهن ٿا ته اها پل آهي اسان کي هيسائڻ ۾ ڪامياب ويندا نه اها سندن پل آهي اسان وردي پائڻ وقت ئي شهادت جو قسر ڪٽي ميدان ۾ لهندا آهيون اهڙو اظهار ايس ايس پي ڪشمر عرفان سمون شهيد پوليس اهلڪار غلام نبي سومرو جي تڏي تي سندس پرنٽيئرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ساگر پارٽي جو سينٽرل ڪميٽي جو اجلاس، ملڪي سياسي صورتحال تي ڳڻتي ظاهر

عدالتن ۾ پارليامينٽ جي تڪرار کي پٺ ملڪي مفاد جي خلاف محسوس ڪيو ويو:اڳواڻ

مهانگائي، لاقانونيت ۽ ڪرپشن ڪري غريب عوام جو جيئڻ ڏکيو ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي

غير قانوني تارڪين وطن ماڻهن کي بوگس شهريت ڏيئي سندن شناختي ڪارڊ نهرائي ڏنا پيا وڃن

ٽيڙهي (رپورٽر) سنڌ ساگر پارٽي جو سينٽرل ڪميٽي جو اجلاس ٽيڙهي شهر ضلع خيرپور ميرس ۾ ٽي گڏيل جنهن ۾ ملڪي سياسي صورتحال تي ڳڻتي ظاهر ڪئي ويئي. ملڪ جي ايڪاڪامي صورتحال ڪي تشويشناڪ قرار ڏنو ويو. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

خيرپور جي مير علي بازار محلي ۾ باه لڳڻ سبب سڙي زخمي ٽيل نينگري گمبٽ ۾ فوت

خيرپور (رپورٽر) خيرپور جي مير علي بازار محلي ۾ باه لڳڻ سبب سڙي زخمي ٽيل معصوم نينگري 5 ساله ايت شيخ زخمن جا سور نه سهندي گمبٽ اسپتال ۾ فوت ٿي ويٿي. جنهن جو لاش آرجنو خيرپور ۾ سنڊس گهر پهتو ته ڪهرام مچي. جنهن بعد جنازي نماز ادا ڪئي ويئي. جنهن ۾ سياسي سماجي مذهبي اڳواڻن متن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04



ريلوي اسٽيشن تي مسافر ٽرين جو انتظار ڪندي دل جو دورو پوڻ سبب فوت

پنجاب جي علاقي علامه اقبال چوڪ بهاولپور جو رهواسي محمد اصغر فوت ٿي ويو

فوتي واپس پنهنجي گهر ڏانهن وڃي رهيو هو جنهن جو لاش پليٽ فارم تان مليو آهي:پوليس

سکر(رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ)روهڙي ريلوي اسٽيشن تي مسافر ٽرين جو انتظار ڪندي دل جو دورو پوڻ سبب فوت. 71 سالن جو پيرسن مسافر محمد اصغر پٽ محمد صادق گرندل پنجاب جي علاقي علامه اقبال چوڪ بهاولپور جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪريم آباد جي سوين شاگردن پاران فوج جي حمايت ۾ ريلي

شاگردن پنهنجي استادن سان گڏ پاڪ فوج جي حمايت ۾ يڪجهتي ريلي ڪڍي گشت ڪيو

پاڪستان آرمي، جي صبر ۽ استقامت کي سراهيون ٿا شريپسندي کي شڪست ڏني آهي: استاد

ٽنڈومحمدخان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪريم آباد جي سوين شاگردن پنهنجي استادن سان گڏ پاڪ فوج جي حمايت ۾ يڪجهتي ريلي ڪڍي گشت ڪيو. ان موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05



گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪريم آباد جي سوين شاگردن پاران فوج جي حمايت ۾ ريلي جو ڏيک

سيد مراد علي شاهه پاران نوجوان امير حمزه ڪي چانهه جي دعوت گهرايو ويو

وڏي وزير پاڪستان جو نالو روشن ڪرڻ ۽ همت افزائي لاءِ چانهه جي دعوت گهرايو

اسان توهان جو ساٿ ڏينداسين ته جيئن توهان ٻين فورمن تي مقابلو ڪري سگهو: وڏو وزير

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ضلع ڪيماڙي ڪراچي جي 13 ورهين جي نوجوان امير حمزه ڪي چانهه جي دعوت گهرايو. وڏو وزير سکر ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

گهرٽڪي پرسان صادق لکڻ پڪٽ تي ڏاڙيلن جو حملو، هڪ اهلڪار شهيد

هٿياربندن جي حملي دوران اهلڪار خالد ميمڻ شهيد ٿي ويو 2 اهلڪار زخمي ٿي پيا

واقعي بعد ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس صادق لکڻ پوليس پڪٽ تي روانو ٿي وئي

گهرٽڪي (رپورٽر) گهرٽڪي پرسان صادق لکڻ پڪٽ تي ڏاڙيلن جو حملو، هڪ اهلڪار شهيد 2 زخمي گهرٽڪي، حملي دوران اهلڪار خالد ميمڻ شهيد، جڏهن ت پ اهلڪار زخمي ،زخمين کي ڪٿائٽ لاءِ ايمبولينس اسپتال مان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سنڌ جي نالياري اداڪاره شبيران چنا ڪراچي ڊائو اسپتال ۾ وفات ڪري ويئي

شبيران چنا جي جنازي نماز جوهر اسڪوائر ۾ ادا ڪندي باغ ڪورنگي پرسان ادا ڪئي وئي

اسد قريشي، عبدالمنان عباسي، علي گل ملاح، اڪبر شيخ، اسلم پٽو ۽ ٻين پاران شرڪت ڪئي

ڪراچي (باغي ساگر پنهور) سنڌ جي ليجنڊ ۽ نالياري اداڪاره شبيران چنا جي جنازي نماز جوهر چورنگي لڳ جوهر اسڪوائر ۾ ادا ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14



ڪراچي: سنڌ جي نالياري اداڪاره شبيران چنا جي جنازي نماز ادا ڪئي ويئي

ڪوٽ غلام محمد لڳ ڳوٺ ديال گڙ جي رهواسي نوجوان اسلام قبول ڪري ورتو

ساگر ولد شنڪر اسلام ڪان متاثر ٿي مدرسه دانشگاهه جعفريا واڳهريجي ٿي اسلام قبول يو

مون سان نه ڪنهن زور زبردستي ڪئي آهي نه ڪنهن ورغلايو آهي: ساگر حسين جون ڳالهيون

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد لڳ ڳوٺ ديال گڙ جي رهواسي 18 سالا هندو نوجوان ساگر ولد شنڪر دين اسلام ڪان متاثر ٿي مدرسه دانشگاهه جعفريا واڳهريجي ٿي اسلام قبول ڪري ورتو جنهن جو اسلامي نالو ساگر حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪريم آباد جي سوين شاگردن پاران فوج جي حمايت ۾ ريلي

شاگردن پنهنجي استادن سان گڏ پاڪ فوج جي حمايت ۾ يڪجهتي ريلي ڪڍي گشت ڪيو

پاڪستان آرمي، جي صبر ۽ استقامت کي سراهيون ٿا شريپسندي کي شڪست ڏني آهي: استاد

ٽنڈومحمدخان (رپورٽر) گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪريم آباد جي سوين شاگردن پنهنجي استادن سان گڏ پاڪ فوج جي حمايت ۾ يڪجهتي ريلي ڪڍي جيڪا مين بدين روڊ ڪان ٽيندي واپس اسڪول پهتي. ان موقعي تي استادن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21



نوشهروفيروز: هاسپيٽل بيسڊ بلڊ بئنڪ سول اسپتال نوشهروفيروز پاران ڪئمپ جو افتتاح ڪيو ويو

خليفو قاسم ۾ پيراسي وارن ڳوٺن ۾ ڊائريا ۽ گيسٽرو وبائي صورت اختيار ڪري ويئي

علاقي جا ڪيترائي ٻارڙا گيسٽرو ۽ ڊائريا جي بيماري ۾ مبتلا ٿي ويا آهن:رهواسي

ٽيمون موڪلي، بنيادي صحت مرڪز خليفو قاسم ۾ دوائن جي ڪوٽ ختر ڪئي وڃي

ٽنڈوياگو(رپورٽ رفاقت جروار) خليفو قاسم ۽ پيراسي وارن ڳوٺن ۾ ڊائريا ۽ گيسٽرو وبائي صورتحال اختيار ڪري وئي آهي. بنيادي صحت مرڪز خليفو قاسم تي ڊاڪٽرن جو ٽيم اڃ پهچي نه آهن. ڪيترائي ٻارڙا گيسٽرو ۽ ڊائريا جي بيماري ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڊاڪٽر عقيل قريشي پيپلز ميڊيڪل اسپتال نوابشاهه جو نئون سپرنٽنڈنٽ مقرر

آرگنائيزنگ ڪميٽي پي ايم يو اسپتال نوابشاهه جي چيئرمين ۽ ٻين پاران مبارڪون

يعقوب مسيح، يوسف ۽ ٻين ڊاڪٽر عقيل قريشي کي گلن جا هار پائرائي مبارڪ باد ڏني

نوابشاهه (رپورٽر) ڊاڪٽر عقيل قريشي پيپلز ميڊيڪل اسپتال نوابشاهه جو نئون سپرنٽنڈنٽ مقرر ٿيڻ تي آرگنائيزنگ ڪميٽي پي ايم يو اسپتال نوابشاهه جي چيئرمين ۽ ٻين پاران مبارڪون ڏني. وائيس چيئرمين اڪبر علي شاهه، محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڏوڪري ۽ مرد ۾ شماري ۾ مهر ۾ ڪم ڪندڙ انيومريٽرز پاران معاوضو نه ملڻ خلاف احتجاج

عبدالحڪيم جهتيال، وزير سرگاڻي امام بخش ٻٽ سريش ڪمار ۽ ٻين صحافين اڳيان احتجاج ڪيو

ڏوراڻهن علاقن نائين رسائي ڪري، سڪيورٽي جي اڻهوند ۽ بغير ڪنهن جي اجازت جي ايماندار ي ۽ سان ڪم ڪيو

ڏوڪري(رپورٽر) ڏوڪري ۽ مرد ۾ شماري ۽ مهر ۾ ڪم ڪندڙ انيومريٽرز معاوضو نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو آهي. انيومريٽرز جي آگواڻي ڪندڙ عبدالحڪيم جهتيال، وزير سرگاڻي امام بخش ٻٽ سريش ڪمار ۽ ٻين صحافين اڳيان احتجاج ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31



ميرپورساڪرو ۾ ايم پي اي اويس بجار خان جوڪيو پاران مختلف علاقن جو دورو ڪندي

ميرپورساڪرو ۾ ايم پي اي اويس بجار خان جوڪيو پاران مختلف علاقن جو دورو

اويس بجار خان جوڪيو پاران ايڊمنسٽريٽر گهارو عبدالغفور هيجب جاڪرو سان دورو ڪيو

اسان پنهنجي وس آهر حد کان وڌيڪ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن، عوام سان گڏ آهيون: اويس بجار

ٽنڊو(رپورٽر) پ پ پ ايم پي اي پي ايس 79 ميرپورساڪرو جام اويس بجار خان جوڪيو پاران ايڊمنسٽريٽر گهارو عبدالغفور هيجب جاڪرو سان گڏ گهاري شهر جي مختلف علاقن جو دورو ڪري شهر ۾ ٽيل مختلف ترقياتي ڪمن جو معائنو ڪري گهاري شهر ۾ وڌيڪ ترقياتي ڪمن بابت افيسرن کي هدايتون ڏيندي چيو ته اسان وڌڻ جي نقش قدم تي هلندي عوام جي بنا فرق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سماج سڌارڪ محمد ايوب منگي پاڻائي جي برسيءَ جي مناسبت سان نوشهروفيروز ۾ ڪئمپ

رت جي عطيي جي ڪئمپ لڳائي ويئي جنهن ۾ تعاون سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو ڪيو

ٿيلسيميا، ڊائلاسز ۽ ڊليوري وارين عورتن کي 24 ڪلاڪ رت جي سهولت ملي رهي آهي: خادم علي مگريو

رت جو عطيو ڏيڻ جو هڪ طريقو آهي ۽ ان جي عمر جي هڪ حد آهي، جنهن ۾ ٽيسٽون پڻ مفت ڪري رهيا آهيون

نوشهروفيروز (ب) سماج سڌارڪ محمد ايوب منگي پاڻائي جي ڏهين برسيءَ جي مناسبت سان سنڊس ابدي آرامگاهه درپيلو ۾ تقريب منعقد ڪئي ويئي جنهن ۾ سماجي، علمي ۽ ادبي شخصيتن وڏي اڃ ۾ شرڪت ڪئي ان مرڪزي اڳواڻ پروفيسر اصغر پرياڻي، پروفيسر محمد اشرف جويو، اعجاز ممتائي،محبتي ملاح، علي رضا پاڻائي،غلام اڪبر ناريجو، قربان علي چنڊ، غلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10



سماج سڌارڪ محمد ايوب منگي پاڻائي جي برسيءَ جي مناسبت سان نوشهروفيروز ۾ ڪئمپ جو ڏيڪ

غوٿپور ويجهو 6 اڻڄاتل هٿياربندن پاران هڪ ڇٽو اغوا، صحافي جو ٽريڪٽر قرق

ٽريڪٽر هٿيارن جي زور تي قرڪي ڊرائيور غفور جعفري کي اغوا ڪري فرار ٿي ويا

باجڪاٽي برادري سان لاڳاپيل ڪيترائي ماڻهو ۽ پوليس اتالا هٿياربندن پويان روانا ٿي ويا

ٽن ڏينهن ۾ هٿياربندن پنهنجون ڪارروايون تيز ڪندي ٻن پوليس پڪٽن تي حملو ڪيو آهي

غوٿپور(عبدالنبي ملڪ) غوٿپور ريجهو 6 ڪان وڌيڪ اڻڄاتل هٿياربند درائي مهر جي ڪجي واري علاقي مان غوٿپور جي نجي ٽي وي جي رپورٽر مهير باجڪاٽي جو ٽريڪٽر هٿيارن جي زور تي قرڪري ڊرائيور غفور جعفري کي اغوا ڪري ڪلهي عام فائيرنگ ڪندا آساني سان فرار ٿي ويا اطلاع بعد باجڪاٽي برادري سان لاڳاپيل ڪيترائي ماڻهو ۽ پوليس اتالا هٿياربندن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪراچي نيو ٽائون پوليس مبينا قتل ٽيل پورهيت ڪمل ڪشن جي لاءِ تعزيتي ميڙ ڪو

مارچي ويل پورهيت ڪمل ڪشن مهيشوري جي قتل واقعي تي تعزيتي ميڙ ڪو نايو ويو

ڪمل ڪشن جي تصوير آڏو گلن جون پٽڙيون رکي ميڻ بتيون ۽ ڏيئا ٻاري پيٽا پيش ڪئي وئي

ڪليم دراني ،وڪيل دليپ ڪمار لڏواني ،ڪچي مهيشوري ميگهواڙ پنچائت جي ماسٽر نارائڻ جي شرڪت

ڪراچي (باغي ساگر پنهور) ڪراچي نيو ٽائون پوليس هٿان ڪجهه ڏينهن اڳ بيگناهه قتل ڪيل هندو برادري جي پورهيت ڪمل ڪشن مهيشوري جي قتل واقعي تي تعزيتي ميڙ ڪو نايو ويو. ڪچي مهيشوري ميگهواڙ پنچائت جي ماسٽر نارائڻ جي شرڪت ڪئي. مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20



ڪراچي :نيوٽائون پوليس مبينا قتل ٽيل پورهيت ڪمل ڪشن جي لاءِ تعزيتي ميڙ اڪي جو ڏيڪ

هاسپيٽل بيسڊ بلڊ بئنڪ سول اسپتال نوشهروفيروز پاران ڪئمپ جو اهتمام

ينگ ويلفيئر ايسوسي ايشن جي سهڪار سان ڳوٺ ڳهيڙ گجو ۾ ڪئمپ لڳائي ويئي

عطيي جي ڪئمپ ۾ 40 نوجوانن رت جو عطيو ڏيئي غريب ۽ مستحق مريضن جي مدد ڪئي

نوشهروفيروز(منظور ملڪ) هاسپيٽل بيسڊ بلڊ بئنڪ سول اسپتال نوشهروفيروز پاران انصاري ينگ ويلفيئر ايسوسي ايشن جي سهڪار سان ڳوٺ ڳهيڙ گجو ۾ رت جي عطيي جي ڪئمپ لڳائي ويئي جنهن ۾ 40 نوجوانن رت جو عطيو ڏيئي غريب ۽ مستحق مريضن جي مدد ڪئي. ڪئي انهن نوجوانن جي حوصلا افزائي ڪرڻ جي سلسلي ۾ فاطميه فائونڊيشن پاران يادگار سرٽيفڪيٽ ڏيڻ واري تقريب منعقد



سن ۾ شاه اويس شاخ جي پڇڙي آبادگارن جو زرعي پاڻي ڪوٽ خلاف احتجاج ڪيو ويو

سن ۾ شاه اويس شاخ جي پڇڙي آبادگارن جو زرعي پاڻي ڪوٽ خلاف احتجاج

شاه اويس پمپنگ اسڪيم جي پڇڙي جي آبادگارن جو زرعي پاڻي نه ملڻ خلاف مظاهرو

شاه اويس ڪئنال تي غيرقانوني دڪا ۽ نوليون هٽي پاڻي چوري ڪرايو پيو وڃي: مظاهرين

آبادگارن جي هزارين ايڪڙ زمين بنجر ٿي وئي آهي جنهن سان سندن معاشي قتل ڪيو پيو

مانجهند (رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) سن ۾ شاه اويس شاخ جي پڇڙي آبادگارن جو زرعي پاڻي ڪوٽ خلاف آبپاشي آفيس گيٽ آڏو ڌرٽو تعريبازي تنصيل موجب سن ۾ شاه اويس پمپنگ اسڪيم جي پڇڙي جي آبادگارن جو زرعي پاڻي نه ملڻ ۽ معاشي قتل عام خلاف تعريبازي ڪئي وئي ان موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪوٽ غلام محمد لڳ ڳوٺ بديوال جي اڌ ڏوٽ بيروزگاري ڪان تنگ ٿي آنت آئي چڏيو

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد لڳ ڳوٺ بديوال جي چالیه سالا چنديو ميگهواڙ بيروزگاري ڪان تنگ ٿي خودڪشي ڪري چڏي لاش گهر پهڻ تي ڪهرام مچي ويو خبر موجب : ڪوٽ غلام محمد لڳ ديه 302 ڳوٺ بديوال جي رهواسي چاليه سالا نوجوان بيروزگاري ڪان تنگ ٿي وڻ ۾ رسو ٻڌي گلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ميرپورساڪرو ۾ ايم پي اي اويس بجار خان جوڪيو پاران مختلف علاقن جو دورو

اويس بجار خان جوڪيو پاران ايڊمنسٽريٽر گهارو عبدالغفور هيجب جاڪرو سان دورو ڪيو

اسان پنهنجي وس آهر حد کان وڌيڪ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن، عوام سان گڏ آهيون: اويس بجار

بابو غلام مصطفي جوڪيو، محمد علي ميراڻي، جاويد جوڪيو، بابو عبدالعزيز ناهيو ۽ ٻيا گڏ هئا

گهارو (بشار جوڪيو) پي ايس 79 جي پ پ پ ايم پي اي سردارچار اويس بجار خان جوڪيو سنڊ پهچي ويو گهارو شهر جو اوچتو دورو ڪري مختلف علاقن جو دورو شهرين سان ملاقاتون ڪيون ۽ ترقياتي ڪمن جي برساتن جي حوالي سان گڏر ناليون ۽ برساتي نالن جي رهيل ڪچرو ڪڍي جلد مڪمل ڪرڻ ۽ صفائي جون خاص هدايتون ميڊيا سان مختصر گفاهيندي پ پ ايم پي اي سردار جام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، ڊهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 16 مئي 2023ع

وڻ ساڙيندڙ وڳوڙي ۽ ماحولياتي دهشتگردي

هن گرهه تي انسان جو وجود وڻن سان سلهاڙيل آهي. وڻ هن گرهه جا ڦڦڙ آهن. وڻ هن ڌرتيءَ جي خوبصورتي آهن. اهو کهڙو احتجاج آهي، اهو ڪنهن سان احتجاج آهي. جو ڪراچيءَ ۾ ماحول دشمن وڳوڙين شاهراهِ فيصل تي ماحولياتي دهشتگردي ڪندي هڪ سئو کان به وڌيڪ وڻن کي نقصان پهچايو ۽ باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيو. خبرن مطابق انهن مان گهڻا وڻ ته 15 کان 20 سال پراڻا هئا. رڳو اهو ئي نه، خبرن موجب، 500 کان وڌيڪ ٻوٽن کي به تباهه ڪيو ويو آهي. اهو صرف پهريون پيرو نه آهي، جو فطرت دشمن ماڻهن احتجاج جي نالي ۾ وڻن کي نقصان پهچايو آهي. هن کان اڳ به وفاقي گاديءَ واري شهر اسلام آباد ۾ احتجاج وقت وڻن کي سخت هاڃو رسايو ويو هو. پر فطرت جي ايف آءِ آر ڪير ڪٽرائي؟

هن ملڪ ۾ احتجاج جي نالي ۾ اهو ڪجهه ٿيندو رهيو آهي، جيڪو ڪنهن به ريت نه ٿيڻ گهرجي. ماڻهن جي ذاتي ملڪيتن ۽ سرڪاري جاين توڙي گاڏين کي ساڙيو وڃي ٿو. اسان اڃان ايترا مهذب ناهيون ٿيا، جن کي احتجاج جي مفهوم جي خبر هجي، جيڪي احتجاج جي اخلاقيات کان واقف هجن. وڻ ڪنهن جي ذاتي ملڪيت نه پر سڄي انسانيت جو اثاثو آهن. وڻن کي هاڃو رسائيندڙ سڄي انسانيت جا مجرم ۽ فطرت دشمن آهن. ڪراچيءَ جي شاهراهِ فيصل تي جيڪي هڪ سئو کان وڌيڪ وڻ تباهه ڪيا ويا آهن، انهن جي ايف آءِ آر ڪير ڪٽرائيندو؟ وڻ اسان جي ماحول کي صاف رکن ٿا، اسان کي آڪسيجن مهيا ڪن ٿا. وڻ پکين جي پناهه گاهه آهن. ماحولياتي تباهيءَ کي روڪين ٿا. وڻن کي تباهه ڪري ماحول دشمن وڳوڙين ايترن سارن ڏوهن جو ارتڪاب ڪيو آهي. وڻ ڪي هڪ ڏينهن ۾ وڏي وڏا ڪونه ٿا ٿين، انهن کي ڪيئين سال لڳن ٿا. جڏهن اهي اسان جي ماحول کي آڪسيجن، مسافرن کي ڇانوَ، پکين کي پناهه، ڌرتيءَ کي سونهن ڏين ٿا. ماحول جي تباهيءَ جي تسلسل کي سست ۽ ڍرو ڪن ٿا. هن رنگ ۽ بوءِ جي جهان ۾ وڻن جي اهميت کان انڪار نٿو سگهجي. سنڌ ۾ اڳ ئي وڻن جي گهٽتائي آهي. وڌندڙ آباديءَ سبب رهائشي وسندين ۾ واڌ وڻن کي گهٽائيندي وڃي. هڪ ته اڳ ئي ڏاڙيلن کي ناس ڪرڻ جي نالي ۾ ٻيلا وڍرايا ويا، ٻيلن جي زمينن تي بااثر ماڻهن قبضا ڪري ورتا آهن. جيڪي عدالتي حڪم باوجود خالي نه ڪرايا ويا آهن. اڳ دريا ۾ اٿل ايندي هئي، جنهن سان جر ريچارج ٿيندو هو. هڙيون پوکڻ لاءِ هيليڪاپٽرن جي ذريعي برسات کان پوءِ ڪچي ۾ ڇيڇڪا ڇٽيا ويندا هئا. ڪچي جي معيشت ٻيلن تي آڌاريل هئي. هاڻي اهي ته سڀ پراڻيون ڳالهيون آهن. هاڻي ته ٻيلا وڻ به تباهه ڪيا پيا وڃن. جيڪا فطرت دشمني آهي. وڻ تباهه ڪري ڪنهن سان احتجاج ڪيو پيو وڃي؟ وڻ ساڙڻ ماحولياتي دهشتگردي آهي. ملڪ ۾ هيترا سارا ماحوليات تي ڪم ڪندڙ ادارا آهن. پر ڪنهن کي به ان جو احساس نه ٿيو. جو ڪو اڳتي وڌي ان ماحولياتي دهشتگرديءَ جو ڪيس داخل ڪرائي. سنڌ ۾ ماحولياتي تحفظ لاءِ قائم ڪيل سرڪاري ادارو سيپا آخر ڪٿي پيو وسي؟ اهو ادارو ته ڪنهن سرڪاري پوٽارجي چوڻ تي ڪنهن فيڪٽريءَ واري کي سوڙهو ڪرڻ جهڙي ڪرت ۾ رڌل نظر ايندو آهي.

ڪراچيءَ جي شاهراهِ فيصل تي وڳوڙين طرفان ماحولياتي دهشتگرديءَ جو مظاهرو ڪندي جيڪو وڻن کي نقصان پهچايو ويو آهي، انهن کي قانون جي پڪڙ ۾ آندو وڃي. سي سي ٽي وي ڪئميرائن ذريعي انهن جي سڃاڻپ ۽ نشاندهي ڪئي وڃي. ماحوليات جي تحفظ لاءِ ڪم ڪندڙن کي اڳتي اچڻ گهرجي. ڊي جي پارڪس وڻن جي تباهيءَ جا انگ اکر ته ٻڌايا آهن. پر ان نقصان جي ذميوارن کي قانون جي وڪڙ ۾ آڻڻ لاءِ آخر ڇا ڪيو ويو آهي؟ احتجاج ڪندڙ ڌرين کي به پنهنجن ڪارڪنن کي احتجاج جي نالي ۾ ماحولياتي دهشتگرديءَ جي سرگرمين کان روڪڻ گهرجي. احتجاج جي نالي ۾ سڀ ڪجهه ڦبي نه وڃڻ گهرجي.

ترڪيءَ جون چونڊون: اردگان ۽ ملڪ جي سياسي سُجاڳ واري جدوجهد

اويس توحيد

ترڪ قوم هن سال جديد ترڪيءَ جي قائم ٿيڻ جو سئو سالا جشن ملهائڻ جي تياري ان وقت ۾ ڪري رهي آهي، جڏهن اها پنهنجي سياسي شناخت جي جدوجهد ۾ مصروف نظر اچي رهي آهي. عالمي سطح تي ترڪي ڪيترن ئي حوالن سان اهم آهي. پنهنجي بيهڪ جي حساب سان ان کي ايشيا ۽ يورپ جي وچ ۾ هڪ گيٽ وي چيو ويندو آهي. ترڪي قومپرستي ۽ يورپي انضمام جي وچ ۾ هڪ استعاراتي سنگم کي به ظاهر ڪري ٿو ۽ عالمي سطح تي مسلم دُنيا جي سياست جي علامتي قيادت جو اُميدوار پڻ آهي ۽ موجوده تناظر ۾ سڀ کان وڌيڪ اهو ته صدر رجب طيب اردگان پيهر چُونڊجڻ جي لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي.

اهو تاثر عام آهي ته اردگان جو دور ورهائيندڙ دور ثابت ٿيو آهي. هڪ اهڙو دور، جنهن ترڪ سماج کي سياسي طور تي سيڪيولر ۽ پراڻ پسندن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. اردگان جا حامي گهڻي ڀاڱي مذهبي، سماجي طور تي پراڻ پسند، ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙ يا ننڍن شهري علائقن مان لڏپلاڻ ڪري ايندڙ ماڻهو آهن. اُنهن ماڻهن کي اردگان جي دور ۾ ملڪ ۾ اُڀرندڙ نئون وچولو طبقو سمجهيو وڃي ٿو. اهي ماڻهون اردگان جي ڪرشماتي شخصيت کان متاثر آهن. ان جي اقتدار ۾ تسلسل کيا استحڪام جي طور تي ڏسن ٿا ۽ ان جي عاجزاڻي آغاز جي تعريف ڪن ٿا ته اردگان، رپورٽن جي مطابق، فوٽ بال کيڏڻ جو پنهنجو شوق ترڪ ڪري ڇڏيو ۽ ان جي بدران پنهنجي والد جي مالي مشڪلات ۾ مدد ڪرڻ لاءِ بن ۽ ليمونيڊ وڪڻندو هو.

ٻئي طرف اردگان جا مخالف هڪ سياسي اتحاد هيٺ متحد ٿي ويا آهن. هن جا مخالف اهو مڃين ٿا ته، موجوده صدر جي آمراڻي حڪمراني ترڪ سماج جي سيڪيولر قدرن کي داغدار ڪري رهي آهي. مخالف ڌر جي نظر ۾ اردگان جي اسلام سان ڳنڍيل سياست عثمانيه سلطنت جي خاتمي ڪانپوءِ ڪمال اتا ترڪ جي قيادت ۾ قائم ٿيل جديد ترڪيءَ جي بُنياد سان ٽڪراءَ ۾ آهي. ڪالهه 14 مئي تي ٿيندڙ صدارتي چونڊن کي به ڏهاڪا اڳ اقتدار ۾ ايندڙ اردگان لاءِ سڀ کان مشڪل مقابلو قرار ڏنو پيو وڃي. بطور وزيراعظم هن ٽي اقتداري مدا پورا ڪيا آهن ۽ سال 2014ع کان هُو سڌيءَ ريت چُونڊيل صدر طور ترڪيءَ جي قيادت ڪري پرهيو آهي. 2017ع ۾ ترڪي هڪ ريفرينڊم ذريعي پارلياماني سرشتي کي صدارتي سرشتي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو ۽ ٻئي سال ئي اردگان ملڪ جو پهريون صدر چونڊجي ويو هو اقتدار ۾ ان جي حيثيت بدلجڻ سان گڏوگڏ صدر اردگان کي جن شين جي علامت سمجهيو وڃي ٿو اهي به بدلجي ويون آهن.

جڏهن هُو وزيراعظم چُونڊجي ويو هو ته، هن کي هڪ اهڙو ملڪ ورثي ۾ مليو، جتي جمهوري قُوتون ڪمزور هُيون، فوج طاقتور ۽ معيشت کي چئلينج درپيش هُئا. سماج ۾ بيچيني چانيل هُئي. اُنهن حالتن ۾ هن پنهنجين وچترين پاليسين سان پنهنجن نقادن کي چرڪائي وڌو هو. عالمي ماليياتي اداري آءِ ايم ايف کي مُنهن ڏنائين ۽ مُلڪي معيشت جو رُخ موڙي ڇڏيائين، يورپي يونين جي رُڪنيت لاءِ جاکوڙ ڪيائين. هن پنهنجو پاڻ کي مذهبي تڪرارن کان پري رکيو ۽ جمهوريت جي هڪ اهڙي علمبردار اڳواڻ طور پيش ڪيو، جيڪو اولهه جي دُنيا سان مضبوط لاڳاپن جو خواهشمند هو. ان ڪانپوءِ جيئن جيئن اردگان پنهنجي سياسي طاقت کي مضبوط ڪيو، هن سيڪيولرز ۽ ڪنهن وقت سگهارا رهندڙ جنرلن کي پٺتي ڌڪي ڇڏيو ۽ صحافت جي آزاديءَ کي دٻائڻ شروع ڪري ڇڏيو هڪ اهم موڙ ان وقت آيو، جڏهن اڄ کان هڪ ڏهاڪو اڳ استنبول جي تقسيم، غازي پارڪ ۾ ماحولياتي مظاهرا حڪومت سان ٽڪراءَ جي شڪل اختيار ڪري ويا ۽ رياستي ادارن طرفان وحشياڻي طاقت جو استعمال ڪيو ويو ۽ روڊ رستا امن جي نعرن سان گونجي اُٿيا. سڄي ترڪيءَ ۾ ڦهلجندڙ ان احتجاج ۾ مبينا طور تي احتجاج ڪندڙ ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا هُئا. پوءِ اردگان خلاف سال 2016ع ۾ ناڪام بغاوت جو اهم واقعو پيش آيو ان بغاوت دوران اردگان جو هڪ مختلف رُخ سامهون آيو هن فوج، عدليه، سول سوسائٽي، يونيورسٽين، ميڊيا سميت سمورن ادارن جي باغي عناصرن جو صفايو ڪرڻ لاءِ وڏي پيماني تي ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو هزارين ماڻهن کي جيلن ۾ واڙيو ويو اردگان آئين ۾ ترميم ڪري هڪ طاقتور صدر بڻجڻ لاءِ وڌيڪ اختيار حاصل ڪري ورتا. مبصرن جو خيال آهي ته، خطي جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ عرب اسپرنگ يا عرب بهار جي نالي سان ٿيندڙ بغاوت جي تحريڪن جي ناڪاميءَ اردگان کي "پين اسلامسٽ" يعني عالمي سطح تي اسلام جو علمبردار بڻجڻ جو اعتماد ڏنو.

ان سلسلي ۾ بروڪنگز انسٽيٽيوٽ سان وابسته ترڪيءَ جي معاملن جي ماهر پروفيسر ڪمال ڪريسي جو چوڻ آهي ته، اردگان عرب بهار جي ڏينهن ۾ پاڻ کي پين اسلامسٽ تصور ڪندو هو هن هڪ اهڙي وقت ۾ (مصر جي اڳوڻي صدر) محمد مرسي جي قيادت ۾ ڪم ڪندڙ (تنظيم) اخوان المسلمين جي حمايت ڪئي هئي، جڏهن سعودي عرب، گڏيل عرب امارتون ۽ بحرين ان گروپ کي سوڙهو ڪري رهيا هئا.

مبصرن جي نظر ۾ عرب بهار ۽ غازي پارڪ جي مظاهرن جي واقعن ڪانپوءِ ترڪ عوام کي ائين لڳو ته اردگان جڻ ته پنهنجي چهري تان نقاب هٽائي ڇڏيو آهي. هن سموري اختلافِ راءِ کي چٿڻ لاءِ قدم کنيا، ايتري قدر جو هن اهو پڻ چيو ته، عورتن سان مردن جي برابر سلوڪ نٿو ڪري سگهجي ۽ عورتن جي حقن لاءِ جاکوڙيندڙن تي الزام هنيو ته اهي عورتون ماءُ بڻجڻ جي تصور کي رد ڪن ٿيون ۽ اهو پڻ ته اردگان هاڻي اسلامي روايتن ۾ ترڪ سماج جي بنيادن جو پتو لڳائڻ ڏانهن متوجهه ٿي ويو ان سلسلي ۾ ترڪ صدر جا نقاد مذهبي اسڪولن ۽ مسجدن ۾ تيزيءَ سان اضافي ۽ رياست جي انتظام هيٺ ديانت تنظيم يا مذهبي معاملن جي ڊائريڪٽوريٽ جي وڌندڙ اثر رسوخ جي نشاندهي ڪن ٿا. اردگان جا اسلام عزائم ان جي نوعمري کان ئي مذهب طرف جُهڪاءَ مان ظاهر ٿين ٿا. هن هڪ مذهبي اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪئي. ايتري قدر جو هن ڪُلٽي عام هڪ نظم پڙهي "مذهبي جذبا" ڀڙڪائڻ جي ڏوهه ۾ جيل جي سزا پڻ ڀوڳي. ان نظم ۾ لکيل هو ته، "مسجدون اسان جون بيرڪون، گنبذ اسان جا هيلميٽ، مينار اسان جون سنگينون ۽ اسان جا وفادار اسان جا فوجي آهن." ان ڪانسواءِ اردگان تاريخي (آيا صوفيه) مسجد کي بحال ڪيو، جيڪا ڪڏهن بازنطيني دور جو ڪيٿيڊرل ۽ عجائب گهر هوندو هو. سياسي تنظيم ديانت جي سربراهه علي ايرباس تلوار هٿ ۾ کڻي مسجد ۾ خطبو پڙهيو اردگان جي اهڙن قدمن سان اسلام ڏانهن جُهڪاءَ رکندڙ اهڙن ماڻهن جي حوصلا افزائي ٿي، جيڪي ان جا بُنيادي حامي هئا. ٻين کي ان جي ملڪ کي ان رخ ۾ هلائڻ تي ڳڻتي آهي، جو ته اُنهن مطابق اهي قدم جديد ترڪيءَ جي باني جي نظريئي جي مخالفت ڪن ٿا.

ان معاملي تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ واشنگٽن انسٽيٽيوٽ ۾ ترڪ ريسرچ پروگرام جي ڊائريڪٽر ۽ ليڪ سونر چاآپٽي وائس آف آمريڪا کي ٻڌايو ته، ڪمال اتا ترڪ ترڪيءَ کي سيڪيولر، يورپي، اولهه ڏانهن مائل ملڪ بڻائڻ ٿي چاهيو ۽ اردگان، جنهن کي آئون اُنهن پاليسين کي اختيار نه ڪرڻ جي ڪري اتا ترڪ جو مخالف چوان ٿو، جيڪو چاهي ٿو ته ترڪي اسلامي هجي، وچ اوڀر جو حصو هجي ۽ سماجي طور تي پراڻ پسندي هجي. سونر چاآپتي جو وڌيڪ چوڻ آهي ته، اردگان گهڻو ڪجهه ڪيو آهي، ملڪ کي معاشي ترقي ڏياري آهي پر هُو عام ووٽر جي نظر ۾ اتا ترڪ جي ويجهو نه آهي.

اردگان جو حريف ڪمال ڪليچدار اوغلو آهي، جيڪو ري پبلڪن پارٽي يا سي ايڇ پي پارٽي جو سربراهه آهي، جنهن پارٽيءَ جو بنياد اتا ترڪ هڪ سئو سال اڳ رکيو هو گذريل ڪجهه سالن ۾ گاديءَ وارو هنڌ انقره ۽ استنبول ٻئي اردگان کان ان وقت پري ٿي ويا، جڏهن ان جا اُميدوار ميئر جي چُونڊن ۾ ان جي مخالفن کان هارائي ويا. اردگان کي هاڻي ڪرد نواز پارٽي ايڇ ڊي پي جي حمايت به حاصل ٿي وئي آهي.

ترڪيءَ ۾ هاڻي سياسي لاٽ ۽ اُڀار واضح نظر اچي رهيا آهن. مقامي طور تي نازڪ معيشت ۽ تازو تباهي آڻيندڙ زلزلي جا سياسي جهٽڪا به نظر اچي رهيا آهن. انهن زلزلن ۾ لڳ ڀڳ پنجاهه هزار ماڻهو مري ويا هئا ۽ لکين بي گهر ٿيا هئا. زلزلي سٽيل ماڻهو اردگان حڪومت تي زلزلي متاثر علائقن ۾ امدادي ڪارروائين جي ناڪافي هجڻ جا الزام هڻن ٿا.

بين الاقوامي سطح تي ترڪيءَ ۾ ڪنهن به قسم جو عدم استحڪام ملڪ جي جيو اسٽريٽيجڪ بيهڪ جي ڪري اولهه جي لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب آهي. ترڪيءَ جون سرحدون اوڀر ۾ ايران، آرمينيا ۽ آذربائيجان سان، ڏکڻ ۾ شام سان ۽ ڏکڻ اوڀر ۾ عراق سان ملن ٿيون. جڏهن ته هي ملڪ يورپ وڃڻ جي راهداري پڻ تصور ڪيو وڃي ٿو ان ڪانسواءِ ترڪيءَ طرفان لکين شامي پناهگيرن کي پناهه پڻ ڏنل آهي. اردگان جي مخالفن جي دعويٰ آهي ته ڪالهوڪيون چونڊون "آمراڻي" حڪمرانيءَ جي دور جو خاتمو آڻينديون پر ترڪ عوام جي هڪ حصي کي ان افراتفري جي باري ۾ به ڳڻتي آهي، جيڪا اردگان جي چونڊن ۾ شڪست جي صورت ۾ پکيڙجي سگهي ٿي. ان امڪاني صورتحال جي باري ۾ پروفيسر ڪمال ڪريسي جو چوڻ آهي ته، آئون اهڙي منظر نامي جي باري ۾ سوچڻ به نٿو چاهيان، جتي اردگان ۽ ان جا حامي چونڊن جي نتيجن کي قبول نه ڪن. اهو واقعي ترڪيءَ جي چين ۽ روس جي قيادت ۾ هڪ آمراڻي دنيا جي صفن ۾ شامل ٿيڻ جي مهر ثابت ٿيندي.

****

ڪانڊين ٿانڊين ٻاٻرين، پچان مَرُ پيئِي!
جيرا، جِگرَ، ٻُڪيُون، سيخُنِ ۾ ٿيئِي!
ويچَنئُون ويئِي، تِي وِهيٺِي سڄڻين

هائبرڊ نظام جي بيوسي

اختر حفيظ

پراجيڪٽ عمران خان جي لانچنگ کان وٺي ان کي عملي شڪل ڏيڻ ۽ ان کان پوءِ جهڙي ريت ڪيس هر اداري پاران سهولت فراهم ڪئي وئي، اهو سڄي ملڪ نه پر دنيا ڏٺو پر سندس حڪومت عوامي ڀلائيءَ لاءِ ڪجهه نه ڪري سگهي. عمران خان نيازي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ نه رڳو پنهنجو پاڻ کي هڪ فاشسٽ حڪمران طور متعارف ڪرايو پر هن جي آڏو آئين، قانون ۽ پارليامينٽ جي ڪا اهميت نه هئي. هن لاءِ آئين ۽ قانون اهوئي آهي، جيڪو هو سوچي ٿو يا چوي ٿو ان سڄي عرصي دوران پي ٽي آءِ جي پوئلڳن جي جيڪا نفسيات اڀري سامهون آئي آهي، اها نه ته سياسي آهي ۽ نه جمهوري ۽ نه ئي عقلي آهي. چاڪاڻ ته هاڻ عمران خان نيازي هڪ سياستدان کان مٿانهون ٿي پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن لاءِ مرشد بڻجي ويو آهي. تنهنڪري هو جيڪا ويڙهه ڪري رهيو آهي، اها نه ته ملڪ ۾ جمهوريت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ آهي ۽ نه ئي وري پارليامينٽ کي بااختيار ڪرڻ لاءِ آهي.

ائين ناهي ته اسٽيبلشمينٽ ان کان اڳ سياست جي ميدان ۾ پنهنجا ماڻهو ڪونه لاٿا آهن. پر هن ڀيري عمران خان نيازي انهن سڀني سياستدانن جي پيٽ ۾ اسٽيبلشمينٽ تي ڀاري ثابت ٿيو آهي، جيڪي اسٽيبلشمينٽ بيانيو به پيش ڪندا رهيا آهن پر ان ۾ ايتري نفرت ۽ سختي ڪڏهن نظر ڪونه آئي آهي.

هن ڀيري جڏهن عمران خان نيازيءَ کي گرفتار ڪيو ويو ته سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس عمر عطا بنديال کي سندس گرفتاري ايتري سٺي ڪونه لڳي، نيب جي رماند ۾ هئڻ باوجود به هن ٽڪڙ ۾ عدالتي ڪارروائي ڪري ڪيس آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. جڏهن ته ماضي ۾ جيڪي به سياستدان نيب جي ور چڙهيا آهن، انهن جي آزاديءَ لاءِ ڪڏهن به سپريم ڪورٽ ايتري تکڙي ڪارروائي ڪونه ڪئي آهي. عمران خان نيازيءَ جي گرفتاريءَ کان پوءِ اسان کي اهو ردعمل به ڏسڻو پيو جيڪو نه رڳو جذباتي هو پر گهڻي تباهي آڻيندڙ پڻ هو جنهن ۾ ماڻهن گاڏيون ساڙيون، سرڪاري آفيسن کي باهيون ڏنيون، فوجي تنصيبات کي نشانو بڻايو ۽ آرمي خلاف نفرت جو اظهار ڪيو، جنهن کي هاڻوڪي آرمي چيف جنرل عاصم منير ڪارو ترين ڏينهن قرار ڏنو آهي. هونئن به پاڪستان جي تاريخ ڪارن ڏينهن سان ڀري پئي آهي، کهڙا ڳڻائي کهڙا ڳڻائجن.

حڪومت عمران خان نيازي خلاف ڪارروائي ڪرڻ ۾ بيوس نظر اچي رهي آهي، جو ان جي آڏو سپريم ڪورٽ اچي بيهي رهي آهي. جيستائين سپريم ڪورٽ جي ڍال عمران خان نيازيءَ جي حفاظت پئي ڪندي، ان وقت تائين اهو ممڪن ئي ڪونهي ته عمران خان نيازي خلاف ڪا ڪارروائي ٿي سگهي. جيڪڏهن سڀاڻي عمران خان وري گرفتار ٿئي ٿو ته ڪيس ضمانت ڏيڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ موجود آهن، جتان سندس ضمانت منٽن ۾ ٿي ويندي. اهڙي ريت هن لاءِ اڄ به سڀئي سهولتون موجود آهن. تنهنڪري عمران خان نيازيءَ کي في الحال ڳڻتي ڪرڻ جي ضرورت ڪونهي.

ان کان سواءِ هاڻوڪي ماحول ۾ اهو پڻ ظاهر ٿي رهيو آهي ته سڀئي سياسي پارٽيون جمهوريت کي مضبوط ڪرڻ يا پارليامينٽ کي بااختيار ڪرڻ بدران اسٽيبلشمينٽ کي راضي رکڻ ۾ لڳيون پيون آهن. حڪومت آرميءَ جو دفاع ڪري ٿي، پيپلز پارٽيءَ جي به ساڳي لائين آهي ۽ پي ٽي آءِ به ان انتظار ۾ آهي ته آرمي چيف سان ڪا ملاقات ٿي وڃي، جنهن ۾ ڪي شڪايتون رکجن ۽ ڪي ڏورايا ڏجن. پر ڪنهن جو به ان پاسي ڌيان ڪونهي ته اسٽيبلشمينٽ کي پوئتي ڌڪڻ لاءِ گڏجي لائحه عمل جي ضرورت آهي. جنهن سان ايندڙ وقت به جمهوري ادارن کي ايترو ته مضبوط ڪري ڇڏجي جو هائبرڊ جمهوريت ۽ هائبرڊ حڪومت وارو ڍڪوٽي ختم ٿي وڃي، جيڪو عمران خان نيازي جهڙن نام نهاد سياسي اڳواڻن کي پيدا ڪندو آهي ۽ اهي ملڪ ۾ فساد واري وايو منڊل کي هوا ڏيندا آهن.

عمران خان نيازيءَ جي سياست ڪهڙي آهي ۽ اها ملڪ لاءِ ڪيتري قدر خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي، اهو اندازو ته ٿي چڪو آهي. هو سڀني ادارن کي جهڪائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي. سپريم ڪورٽ هن جي ايتري ته پرجهلي ٿي بيٺي آهي جو جيڪڏهن هو سپاڻي ڪيترو به وڏو ڏوهه ڪري ته ڏهن به ڪيس ڪا سزا نه ڏني ويندي. هاڻ فيصلو وري به اسٽيبلشمينٽ ٿي ڪندي باقي هاڻوڪي حڪومت جي بيوسي هر محاذ تي نظر اچي رهي آهي.

بقايا 01

کي پيتا پيش ڪئي، آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته فورم اندروني ۽ ٻاهرين سيڪيورٽي صورتحال ۽ سياسي مقصدن لاءِ پيدا ڪيل ڪجهه ڏينهن جي امن امان جي صورتحال جو گڏيل جائزو ورتو، جڏهن ته شهيدن جي تصويرن ۽ يادگارن جي بي حرمتي جي گڏيل منصوبي تي به بريفنگ ڏني وئي، آءِ ايس پي آر موجب فورم جاري سياسي عدم استحڪام کي منهن ڏيڻ لاءِ سڀني اسٽيڪ هولڊرن وچ ۾ قومي اتفاق راءِ ۽ عوامي اعتماد جي بحالي لاءِ قومي اتفاق راءِ جي ضرورت تي زور ڏنو، پاڪ فوج جي ترجمان اداري چيو ته پروپيگنڊا جو مقصد هٿياربند فوج ۽ عوام وچ ۾ ڏار پيدا ڪرڻ آهي. دشمن قوتن جي اهڙي پروپيگنڊا کي پاڪستاني عوام جي حمايت سان شڪست ڏني ويندي ۽ پاڪستاني عوام هر ڏکئي وقت ۾ فوج سان گڏ بيٺو رهيو آهي. آءِ ايس پي آر موجب فوجي ملڪيتن جي ڀڃ ڊاهه تي ٻڌل گڏيل منصوبي تحت اداري کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جڏهن ته فورم کي بريفنگ ڏني وئي آهي ته منصوبو اداري کي ردعمل ڏيڻ ۽ اڪسائڻ لاءِ جوڙيو ويو، ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس فوجي ملڪيتن، سرڪاري ۽ نجي ملڪيتن تي حملن ۽ ان لاءِ اڪسائڻ جي مذمت ڪئي ۽ افسوسناڪ واقعن تي ڏک ۽ جذبن جو به اظهار ڪيو. آءِ ايس پي آر چيو آهي ته فوج اڪسائيندڙن، حوصلاافزائي ڪندڙن ۽ ڏوهارين کي چڱي ريت واقف آهي، انهن ڏوهن ۾ ملوث ماڻهن کي قانون تحت ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو. ڏوهارين کي پاڪستان آرمي ايڪٽ ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ تحت ٽرائل ذريعي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو. آءِ ايس پي آر موجب ڪنهن به ايجنڊا تحت فوجي ملڪيتن تي حملو ڪندڙن سان ڪا رعايت نه ڪئي ويندي.

بقايا 02

سرڪاري ملڪيتن تي حملن خلاف قرارداد پاڪستان تحريڪ انصاف جي ناراض ميمبر وجيهه قمر پيش ڪئي، ان کان اڳ اجلاس ۾ خيالن جو اظهار ڪندي اپوزيشن اڳواڻ راجا رياض چيو ته قومي اسيمبلي ۾ اپوزيشن اڳواڻ راجا رياض چيو آهي ته تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان اهو ڪم ڪيو جيڪو اڄ تائين ملڪ دشمن به نه ڪري سگهيا، راجا رياض چيو ته تربيت يافته ماڻهن پوليس تي پيٽرول بم اڇلايا ۽ جناح هائوس کي باهه ڏني، ڪور ڪمانڊر جي گهر کي باهيون ڏنيون ويون. اهو جهاز جنهن کي ڀارت به نه ڪيرائي سگهيو ان کي ملڪ دشمنن ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو. هن اهو ڪري ڏيکاريو جيڪو اڄ تائين ڀارت ۽ طالبان به نه ڪري سگهيا پوري قوم جا ڪنڌ شهيدن جي آڏو جهڪي ويا آهن. راجا رياض وڌيڪ چيو ته ريمانڊ دوران لاڏلي کي عزت ۽ احترام سان گيسٽ هائوس تائين اماڻيو ويو هن شخص کي سرعام ڦاهي ڏيڻ گهرجي ها.س

بقايا 03

ڪو ماءُ جو پٽ ميري اک سان به هن عمارت کي نٿو ڏسي سگهي، هاڻ فيصلو پاڪستان جي عوام کي ڪرڻو آهي. سندس چوڻ هو ته اڄ اسلام آباد ۾ عوام جي عدالت لڳي آهي، عدليا جو احترام ڪرڻ تي يقين رکون ٿا، اسلام عدل ۽ انصاف جو حڪم ڏنو آهي، پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه اسيمبليون نه ٽوڙيون وڃن ها ته اڄ بحران نه هجي ها، مولانا فضل الرحمان ڌرڻو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪندي چيو ته ڪنهن تي انصاف جي ذميواري هجي ته ان کي هر ڌر کي ڏسڻ گهرجي.

بقايا 04

ڊي اير حڪومت عمران خان جي گرفتاري غير قانوني قرار ڏيڻ واري فيصلي کي جواز جاڻائي چيف جسٽس کي ڌر قرار ڏنو آهي

بقايا 05

فيصلو ڪرڻ کان روڪڻ آهي عمران خان اها به دعويٰ ڪئي آهي ته لنڊن پلان تحت مون کي 10 سالن لاءِ قيد ۽ پي ٽي آءِ تي پابندي لڳائڻ جو منصوبو جوڙيو ويو آهي پنهنجن ٽوئيٽس ۾ عمران خان چيو ته جيئن اوڀر پاڪستان ۾ عوامي ليگ تي پابندي هڻي وئي هئي، تيئن منهنجي خلاف به بغاوت جو ڪيس داخل ڪرائي قيد ڪيو ويندو، هن چيو ته، لنڊن پلان تحت منهنجي پارٽيءَ تي پابندي هڻي ويندي، هتي جو منصوبو اهو آهي ته بشريٰ بي بي کي قيد ڪري مون کي اذيت پهچائين. عوام کي يقين ڏيارڻ چاهيان ٿو ته آخري دم تائين وڙهندس

بقايا 06

حفاظتي ضمانت 23 مئي تائين منظور ڪري ورتي. اڳوڻي وزيراعظم جي گهر واري بشريٰ بي بي حفاظتي ضمانت جي لاءِ اڄ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿي، عمران خان ۽ بشريٰ بي بي سان گڏ لاهور هاءِ ڪورٽ پهتو لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ بشريٰ بي بي جي درخواست تي جسٽس شهباز رضوي جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ ٻڌڻي ڪئي، عدالت حفاظتي ضمانت جي درخواست 23 مئي تائين منظور ڪندي نيب کي گرفتاري کان روڪي ڇڏيو آهي. ان کان اڳ عدالت درخواستگذار بشريٰ بي بي جي پيش نه ٿيڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي گهر واري بشريٰ بي بي جي حفاظتي ضمانت لاءِ خواجه حارث انتظار پنجوٿه ۽ علي اعجاز بٽر جي حوالي سان درخواست داخل ڪئي هئي جنهن ۾ وفاقي حڪومت، نيب ۽ ٻين کي ڌر بڻايو ويو آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو ته نيب القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ جاچ شروع ڪئي آهي، نيب طرفان جاري جاچ غيرقانوني آهي. امڪان آهي ته نيب طرفان گرفتار ڪري سگهجي ٿو درخواست ۾ عدالت کان استدعا ڪئي وئي ته اسلام آباد جي احتساب عدالت سان رابطو ڪرڻو آهي ان ڪري عدالت القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ حفاظتي ضمانت منظور ڪري، ياد رهي ته القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ نيب جي ٽيم عمران خان کي 9 مئي تي گرفتار ڪري چڪي آهي ۽ هن وقت هو 2 هفتن جي لاءِ ضمانت تي آهي.

بقايا 07

(پي ٽي اي) طرفان ملڪ ۾ بند ڪيل فيس بڪ يوٽيوب، ٽوئٽر ۽ ٻين سماجي رابطن جي ايپليڪيشن کي بحال ڪيو ويو آهي. واضح رهي ته ملڪ ۾ موبائيل سروس اڳ ئي بحال ڪئي وئي هئي جنهن کان پوءِ اڄ شام کان سوشل ميڊيا ايپس کي صارفين استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. پي ٽي اي ترجمان صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر فيس بڪ، يو ٽيوب ۽ ٻين ايپس کي بحال ڪيو ويو آهي.

بقايا 08

علي زيدي 30 ڏينهن جي لاءِ نظربند آهي سندس ڪسٽڊي جيڪب آباد جيل سپرنٽينڊنٽ جي حوالي ڪئي وئي آهي، گهرو وزارت ٻڌايو آهي ته ايم پي او ڊي تحت علي زيدي جي نظر بندي جا حڪم جاري ڪيا ويا آهن سندس مٿان ماڻهن کان روڊ بلاڪ ڪرائڻ ۽ ڌرڻي جي لاءِ ڀڙڪائڻ جا الزام آهن. گهرو وزارت موجب علي زيدي کي آءِ جي سنڌ جي سفارش تي نظربند ڪيو ويو آهي.

بقايا 09

جنهن ۾ ٻطرفي دفاعي لاڳاپن ۽ فوجي تعاون تي ڳالهيون ڪيون ويون، آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف جنرل عاصم منير ۽ يو اي اي صدر وچ ۾ ٻطرفو تعاون وڌائڻ تي به اتفاق ڪيو ويو.

بقايا 10

جو اظهار ڪندي چيو ته نيب قانون کي ڪاري قانون طور استعمال ڪيو ويو هن چيو ته اسٽينڊنگ ڪميٽي ۾ نيب قانون کي ختم ڪرڻ تي به ڳالهه ٻولهه ٿي، فيئر ٽرائل کي يقيني بڻائڻ لاءِ نيب قانون ۾ ترميمون ڪيون ويون، قانون واري وزير وڌيڪ چيو ته نيب ايڪٽ تي عملدرآمد کي ڪجهه ٽيڪنيڪل مشڪلاتون هيون، جنهن ۾ ترميم ڪئي وئي، ڪنهن به اداري کي اهو اختيار ناهي ته هو ان اعليٰ اداري کي قانون سازي ڪرڻ کان روڪي سگهي، هن چيو ته صدر کي پارليامينٽ جا اختيار ختم ڪرڻ جو اختيار ناهي، نه ئي ڪو ادارو ۽ نه ئي ڪو فرد پارليامينٽ جي قانون سازي جي اختيار کي محدود ڪري سگهي ٿو سينيٽر اعظم نذير تارڙ اهو به چيو ته ڪنهن به اداري کي پارليامينٽ جي قانون سازي جي طاقت کي روڪڻ جو اختيار ناهي. اسان پوري ڪوشش ڪئي آهي ته عدليه جي آزاديءَ جا بنيادي اصول متاثر نه ٿين هن چيو ته نيب قانون تحت ڪنهن به ڏوهه کي سزا نه ڏني وئي آهي، ڪجهه ڏوهن کي ٻين فورمن تي منتقل ڪيو ويو آهي. اجلاس دوران قومي احتساب ترميمي بل 2023ع جي شق وار منظوري ڪانپوءِ بل جي منظوري ڏني وئي.

بقايا 11

جاري ڪري ڇڏيا، ٻڌڻي دوران چيف جسٽس چيو ته ملڪي ادارن ۽ اثاثن کي ساڙيو پيو وڃي، عدالت کي صرف آئين نه پر حالتن کي به ڏسڻو آهي، ادارن جي تذليل ۽ سرڪاري ملڪيتن کي ساڙيو پيو وڃي، جڏهن جنگي حالتون هجن ته قانون خاموش ٿي ويندو آهي، چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 3 رڪني خصوصي بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، جسٽس اعجازالاحسن ۽ جسٽس منيب اختر 3 رڪني بينچ جو حصو آهن. ٻڌڻي جي شروعات ٿي ته چيف جسٽس چيو ته اليڪشن ڪميشن جي نظرثاني درخواست جي ٻڌڻ جوڳي هجڻ تي دليل ڏيو، اوهان دليلن ۾ ڪيترو وقت وٺندا؟ جنهن تي اليڪشن ڪميشن جي وڪيل چيو ته مون کي 2 کان 3 ڏينهن گهرجن. ان دوران پي ٽي آءِ جو وڪيل علي ظفر روسٽرم تي اچي ويو هن چيو ته آئين جو قتل ڪيو ويو آهي، ملڪي آبادي جو 10 ڪروڙ حصو نمائندگي کان محروم آهي. چيف جسٽس چيو ته ملڪ ۾ چونڊن جو وقت هن وقت آهي، پريشاني جهڙي ڳالهه آهي ته جهڙي طرح سياسي طاقت استعمال ٿي رهي آهي، ٻاهر ڏسو ڪهڙو ماحول آهي، 2 اهم شيون فنڊز ۽ سيڪيورٽي جون هيون، اڄ اوهان درخواست ۾ سپريم ڪورٽ جي اختيارن جو پنڊورا باڪس کوليو آهي، اهو اوهان جي مرڪزي ڪيس ۾ موقف نه هو. سپريم ڪورٽ جي اختيارن تي ڪنهن ٻئي کي ڳالهائڻ گهرجي. چيف جسٽس چيو ته وفاقي حڪومت کي اهڙن معاملن تي عدالت اچڻ گهرجي ها پر اهي نه آيا. نظرثاني جو آپشن اوهان وٽ هو جيڪو اوهان استعمال ڪيو ملڪي ادارن ۽ اثاثن کي ساڙيو پيو وڃي، وفاقي حڪومت بي وس نظر اچي رهي آهي. ٻاهر ڏسو سمورين شين کي باهيون ڏنيون پيون وڃن. رب پاڪ مشڪل وقت ۾ صبر جي تلقين ڪندو آهي. وفاقي حڪومت بي وس نظر اچي رهي آهي. چئن پنجن ڏينهن کان جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي ان کي به ڏسڻاسين. پي ٽي آءِ جي وڪيل علي ظفر چيو ته موجوده صورتحال ۾ نگران حڪومت غيرقانوني آهي. سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي عمل ٿيڻ گهرجي. چيف جسٽس چيو ته مشڪل حالتن ۾ رد عمل نه صبر ڪيو ويندو آهي. هن وقت صورتحال چڪتان جو شڪار آهي مون ماڻهن جون گولين سان زخمي تصويرون ڏٺيون آهن اليڪشن جمهوريت جو تسلسل آهي اخلاقي برتري جي لاءِ انتظاميه ۽ اپوزيشن کي چوان ٿو ته بهتر اخلاقي حل ڳوليو. وڪيل علي ظفر چيو ته آئين تي عمل سڀني جو فرض آهي. ماڻهو آئين جي عملداري ۽ پڇڪڙي جي وچ ۾ بيٺل آهن. چيف جسٽس چيو ته ماڻهن جي زندگين جو تحفظ ضروري آهي هن ماحول ۾ آئين تي عمل ڪيئن ڪرايو وڃي. اٽارني جنرل صاحب اوهان ڳالهيون پيهر شروع ڇو نٿا ڪرايو؟ اٽارني جنرل چيو ته ڳالهيون شروع ٿيڻ گهرجن. مان ئي اهو پهريون شخص هئس جنهن ڳالهين جي آڇ ڪئي، ڳالهين جي لاءِ ٻنهي طرفن کان سلجهيل ماڻهو موجود آهن. عدالت سياسي پارٽين سميت پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه جي ايڊووڪيٽ جنرل کي نوٽيس جاري ڪندي ڪيس جي ٻڌڻي ايندڙ هفتي اڱارو (23 مئي) تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 12

اوهان ته ان جا ٽڪرا ڪري ويندا آهيو هن چيو ته اڄ پاڪستان ۾ فوج مارشل لا لڳائڻ جي حق ۾ ناهي ته چيف جسٽس جوڊيشل مارشل لا لڳائي ڇڏيو آهي مريم نواز چيو ته اجا ته پارليامينٽ آئين ناهيو ٿي ته هو اوهان ان تي نانگ بڻجي ويهي رهيا آهيو

بقايا 13

چنا جي گلستان جوهر ۾ جنازي نماز ادا ڪئي وئي، منان عباسي، اسد قريشي، سهراب سومرو، علي گل ملاح ۽ ٻين فنڪارن توڙي شهرين شرڪت ڪئي ڪئيشبيران چنا قاضي احمد ويجهو روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيڻ بعد ڪراچيءَ جي اسپتال ۾ علاج هيٺ هئي. شبيران چنا جنهن به ڊرامي ۾ ڪم ڪيو ان کي يادگار بڻائي ڇڏيو خيران جي سرڏي خير هجي سميت سندس ڪيترائي ڊائلاگ ماڻهن کي برزبان ياد ٿي ويا، شبيران چنا ٽائيم نيوز جي ڪاميڊي سيريل "سمجهي ته ويا هوندو" ۾ مستانيءَ جو يادگار ڪردار ادا ڪيو هاڪاري شبيران چنا جي وڇوڙي تي ڪلاڪيتر توڙي سندس مداحن ۾ سوڳ جي لهر پکڙيل آهي

بقايا 14

جي پڇڪڙي ڪري معاهدو ڪيو حڪومت جو عمران خان جي گرفتاري سان ڪو به تعلق ناهي، قومي احتساب بيورو عمران خان کي القادر ٽرسٽ ڪرپشن ڪيس ۾ گرفتار ڪيو پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪڏهن به ائين نه ٿيو آهي ته جسماني رماند تي جوابدار کي ايترو وڏو رليف مليو هجي، اهڙن خيالن جو اظهار هن عالمي نشرياتي اداري "الجزيره" کي پنهنجي خصوصي انٽرويو ۾ ڪيو. سنڌ سماء واري وفاقي وزير چيو ته عمران خان کي گرفتار ڪري اسان ڪو مقصد حاصل ڪرڻ نٿا چاهيون. سندس گرفتاري سان حڪومت جو ڪو به تعلق ناهي قومي احتساب بيورو عمران خان کي القادر ٽرسٽ ڪرپشن ڪيس ۾ گرفتار ڪيو هو نيب ان معاملي جي جاچ ڪري رهي آهي ۽ نيب عمران خان کي ڪيترائي نوٽيس جاري ڪيا پر عمران خان نيب جي ڪنهن به نوٽيس جو جواب نه ڏنو هن چيو ته عمران خان جي گرفتاري کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو ويو آهي، جنهن تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عمران خان جي گرفتاري کي قانوني قرار ڏئي ڇڏيو هڪ سوال جي جواب ۾ سنڌ سماء واري وفاقي وزير چيو ته اهڙا ڪيترائي مثال آهن ته جڏهن عمران خان اقتدار ۾ هوندو هو ۽ مخالف ڌر ڪانئس سوال پڇندي هئي ته هو ڪيس ڊيٿ سيل ۾ موڪلي ڇڏيندو هو جيڪڏهن ميڊيا سوال پڇي ها ته ميڊيا وارن کي جيلن ۾ وڌو وڃي ها هن چيو ته عمران خان ملڪ جي اعليٰ ترين چيف ايگزيڪيوٽو جو عهدو سنڀاليو آهي، جڏهن ڪانئس اپوزيشن ۾ آيو ته جڏهن ڪانئس ڪرپشن جي مختلف ڪيسن بابت پڇا ڪئي وئي ته هن تشدد جو رستو اختيار ڪيو هن چيو ته ايف آءِ اي ۽ نيب مختلف ڪيسن جي جاچ ڪري رهيا آهن جن جو جواب عمران خان کي ڏيڻو آهي ۽ عمران خان جواب ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، اهو سلسلو گذريل 14 مهينن کان جاري آهي، هن چيو ته جڏهن عدالت عمران خان جا وارنٽ جاري ڪيا ته پوليس عدالتي وارنٽ جي تعميل لاءِ زمان پارڪ وئي، ان هوندي به عمران خان تشدد جو رستو اختيار ڪيو ۽ عورتن ۽ ٻارن کي انساني ڍال طور استعمال ڪري پنهنجي حفاظت لاءِ جا ڪيو، هن چيو ته اتي پوليس تي پيٽرول بم سان حملو ڪيو ويو ان کان علاوه عمران خان پنهنجي ڪارڪنن کي 25 مئي جي لانگ مارچ جي موقعي تي به اهڙو ئي تشدد ڪيو هو، پل ٽوڙيا، رياستي ۽ سرڪاري ملڪيتن ۽ ميٽرو اسٽيشن تي حملا ڪيا، جوڊيشل ڪمپليڪس ۾ ڀڃ ڊاهه ڪئي، جوڊيشل ڪمپليڪس ۾ ڪو به دروازو ۽ دريون نه بچيون هيون، انهن وٽ ڪلاشنڪوف ۽ پيٽرول بم هئا، عمران خان اهڙي بزدلاڻي راند کيڏي رهيو آهي، جڏهن به انهن کان پڇا ڳاڇا ڪئي ويندي آهي يا تحقيق ڪئي ويندي آهي ته هو تشدد جو رستو اختيار ڪندا آهن ۽ پنهنجن ماڻهن کي تشدد تي اڪسائيندا آهن. وفاقي وزير چيو ته نيب جڏهن عمران خان کي عدالت جي احاطي مان گرفتار ڪيو ته ٽن ڏينهن ۾ ملڪ ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو اهو سڀني جي سامهون آهي، هن چيو ته عمران خان جي گرفتاري تي ڪو به سياسي رد عمل ناهي آيو ڇو ته عوام جو وڏو انگ سياسي رد عمل ۾ اچي ٿو پر سڀني ڏٺو ته ماڻهن کي گڏ ڪري مختلف هنڌن تي تشدد تي اڪسايو ۽ پوءِ پي ٽي آءِ قيادت به ان عمل جي نگراني ڪئي هن چيو ته حڪومت کي پنهنجي شهرين کي بچائڻو آهي. مريضن کي بچائڻو آهي، پي ٽي آءِ جي هٿيارٻندن ايمبولينس مان مريضن کي ٻاهر ڪڍي ايمبولينس کي باهه ڏئي ڇڏي، اسڪولن تي حملا ڪيا، اسپتالون ساڙي ڇڏيون، چوپائي مال جي منڊي کي باهه ڏئي ڇڏي، پر ان سڄي صورتحال ۾ حڪومت وڏي ڏاهپ ۽ صبر جو مظاهرو ڪيو هن چيو ته عمران خان ڪرپشن ڪيس ۾ جواب ناهي ڏنو، هو جسماني رماند تي هو ۽ ان جي باوجود هو 48 ڪلاڪن اندر جيل مان ٻاهر نڪتو ملڪ جي تاريخ ۾ اهڙو ڪڏهن به نه ٿيو آهي. عمران خان خلاف ڪيسن بابت سوال جو جواب ڏيندي سنڌ سماء واري وفاقي وزير چيو ته هڪ سئو ڪيس عمران خان جا ڪوڙا بيان آهن سندس روايت هميشه رهي آهي عمران خان جي فنڊنگ تي پابندي توشه خانا، القادر ٽرسٽ ڪرپشن ۽ ٽيريان جا ڪيس داخل آهن، عمران خان انهن ڪيسن ۾ جواب ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، هن چيو ته عمران خان هو اهو تاثر پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ته حڪومت سندس خلاف آهي ۽ ڪيس سياسي انتقام جو نشانو بڻائي رهي آهي، جيڪڏهن اسان اهو ڪرڻ چاهيون ها ته 14 مهينا انتظار نه ڪريون ها. عمران خان جنهن مضحڪ خيز انداز ۾ هلي رهيو آهي، جيڪڏهن اسان ان جي چاهيون ها ته هو سلاخن جي پويان هوندو. اسان وٽ حڪومتي طاقت ۽ اختيار هجي ها ته اسان انهن کي گرفتار ڪري سگهون ها پر سياسي انتقام تي يقين نه ٿا رکون. ملڪ ۾ چونڊن جي حوالي سان سوال تي سنڌ سماء واري وفاقي وزير چيو ته خيبرپختونخواهه ۽ پنجاب جون اسيمبليون عمران خان جي چوڻ تي ٽوڙيون ويون، تڏهن پرويز الاهي جيڪو ان جو وڏو وزير هو، ان پاڻ ميڊيا تي واضح لفظن ۾ چيو ته هو ڪڏهن به پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ نه چاهيندو هو هن چيو ته عمران خان هن وقت اقتدار کان ٻاهر آهي، ائين نٿو ٿي سگهي ته چونڊون عمران خان جي مرضي تي ٿين. هن چيو ته چونڊون بابت آئين ۽ قانون موجود آهي، چونڊون تڏهن ٿينديون جڏهن اسان پنهنجو آئيني مدو پورو ڪنداسين هڪ ٻئي سوال تي هن چيو ته عمران خان جي 4 سالن جي دور ۾ اسان تي ڪوڙا ۽ بي بنياد ڪيس قائم ڪيا ويا، هڪ سال کان وڌيڪ عرصي تائين اسان جا ڪيس نه ٻڌا ويا. پر ان جي ابتڙ عمران خان پنهنجي خلاف ڪنهن به ڪيس ۾ عدالت نه ويو، هو جسماني رماند ۾ هو ۽ سندس سمورن ڪيسن ۾ ضمانت ٿي وئي، دنيا ۾ ڪٿي به ائين ناهي، معاشي صورتحال بابت سوال تي سنڌ سماء واري وفاقي وزير چيو ته عمران خان جي چئن سالن ۾ معيشت جو جيڪو ڪجهه ٿيو ان جو مثال نٿو ملي، جڏهن اسان 2018 ۾ حڪومت ۾ هئاسين، جي ڊي پي 6 سيڪڙو جي شرح سان وڌي رهي هئي، ملڪ ۾ مهانگائي جي شرح گهٽ ۾ گهٽ 2.6 سيڪڙو هئي، آءِ ايم ايف جو پروگرام 2015ع ۾ مڪمل ٿيو، سي پيڪ هلي رهيو هو، روزگار ٿي رهيو هو، ترقي ٿي رهي هئي، اسڪول ٺهي رهيا هئا، يونيورسٽيون ٺهي رهيون هيون، پرڏيهي پاليسي مضبوط هئي، پاڙيسري ملڪن ۽ علائقائي ملڪن سان ڪيترائي منصوبا هلي رهيا هئا، جڏهن عمران خان جو دور شروع ٿيو ته ان جي چئن سالن ۾ معيشت جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو هن تاريخ جو سڀ کان وڏو قرض ورتو هن چيو ته تاريخ ۾ سڀ کان وڌيڪ مهانگائي اسان کي عمران خان کان ورثي ۾ ملي آهي، اسان کي هڪ ڏيوالت ملڪ مليو جنهن کي اسان بچايو عمران خان آءِ ايم ايف سان معاهدو ڪري ان جي خلاف ورزي ڪئي، جڏهن اسان اقتدار ۾ آياسين ته آءِ ايم ايف جو پروگرام معطل ڪيو ويو ان تي اسان وري ڳالهه شروع ڪئي، عمران خان ملڪ جي وقار کي داءَ تي لڳائي ڇڏيو آهي. عمران خان جي معاشي تباهي اسان کي ورثي ۾ ملي آهي.

بقايا 15

کان وڌيڪ جي ادائيگي ملتوي ڪري ڇڏي آهي، هاڻ ڏکڻ ڪوريا کي ادائيگي 6 سالن جي مدي ۾ ڪئي ويندي. پڌرائيءَ ۾ چيو ويو آهي ته جي 20 قرض ملتوي ڪرڻ جي قدم جي معاهدي تي صحيحون ڪري ڇڏيون آهن. رقم جي ادائيگي جولاءِ ۽ ڊسمبر 2021 جي وچ ۾ ٿيڻي هئي. پڌرائيءَ موجب پاڪستان هيل تائين 3 ارب 65 لک 30 هزار ڊالر قرض جي ادائيگي ۾ رليف حاصل ڪري چڪو آهي.

بقايا 16

۾ ڳالهائيندي خواجا آصف چيو ته عمران خان کي رليف ڏئي هڪ فتني کي هٿي ڏني وئي آهي. چار ٽن جو فيصلو آيل آهي ۽ ان جي پڇڪڙي ڪئي وئي. هڪ اڪيلو شخص پنهنجا فيصلا مڙهي رهيو آهي، هن چيو ته وزيراعظم کي چوندس ته لڪتري انداز اختيار نه ڪيو وڃي. جيڪي آواز اچن پيا انهن جو ان ئي زبان ۾ جواب ڏيڻو پوندو.

بقايا 17

سون في تولو 1100 رُپيا مهانگو ٿيڻ بعد 2 لک 35 هزار 100 رُپين جو ٿي ويو آهي، اهڙي ريت ڏهه گرام سون جي قيمت 943 رُپيا واڌ بعد به لک 1 هزار 560 رُپيا آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ في اونس سون 5 ڊالر مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 2015 ڊالرن جو ٿي ويو آهي.

بقايا 18

معذوري کان بچايو. جيڪڏهن ٻار سپاڻي هلڻ چاهي ٿو ته فيصلو اڄ ئي ڪرڻو پوندو.

بقايا 19

ٿي وئي آهي. صدارتي چونڊن جي هينئر تائين جي نتيجن موجب صدر رجب طيب اردوان 49.34 سيڪڙو ووٽ کڻي اڳڀرو آهي جڏهن ته ان جو مخالف اميدوار ڪمال قليچ دار اوغلو 45.00 سيڪڙو ووٽن سان ٻئي نمبر تي آهي جڏهن ته ٽيون اميدوار سنان اوغان هينئر تائين 5.23 سيڪڙو ووٽ کڻي سگهيو آهي. ترڪيه جو صدر بڻجڻ لاءِ 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ووٽن جي ضرورت آهي. 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ووٽ نه وٺڻ تي 28 مئي تي چونڊن جي ٻئي مرحلي ۾ فيصلو ٿيندو ان کان علاوه پارلياماني چونڊن ۾ به 98 سيڪڙو ووٽن جي ڳڻپ مڪمل ٿي چڪي آهي ۽ هينئر تائين جي چونڊن موجب 600 جي ايوان ۾ صدر اردوان جي جسٽس اينڊ ڊولپمينٽ پارٽي 266 سيٽون کٽي چڪي آهي. ترڪيه جي تاريخ ۾ پهريون پيرو 24 پارٽيون ۽ 151 آزاد اميدوار چونڊن ۾ حصو وٺي رهيا آهن جڏهن ته رجسٽرڊ ووٽرز جو انگ ساڍا 6 ڪروڙ کان وڌيڪ آهي.

بقايا 20

ادارن خلاف مواد نشر ڪرڻ پيمرا آرڊيننس جي پڇڪڙي آهي، پڌرائيءَ موجب پيمرا جي 2015 جي ضابطن تحت ٽي وي چئنل هٿيار بند فوجن ۽ عدليا خلاف مواد نشر نٿا ڪري سگهن. ٽي وي چئنل پيمرا قانون تي عمل يقيني بڻائين ۽ ڪنهن رياستي اداري خلاف مواد نشر نه ڪرڻ کي يقيني بڻائين. پيمرا هدايت ڪئي آهي ته ٽي وي چئنل پنهنجي ايڊيٽوريل بورڊ کي پيمرا قانونن تي عملدرآمد جو پابند بڻائين.

بقايا 21

۽ معاشي استحڪام ايندو اهڙن خيالن جو اظهار هن سومر ڏينهن سنڌ اسيمبلي جي ڪميٽي روم ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو هن چيو ته ناڪاري سوچ ملڪ کي ناقابل تلافي نقصان پهچايو آهي. هڪ پاسي جلاءُ گهيراءُ ۽ ان جي سياست آهي، عام ماڻهن جي شين کي ساڙيو ويو ته عمران خان خلاف قانوني ڪارروائي جوڙي رهي آهي. هن ملڪ ۾ هڪ انتهائي افسوسناڪ روايت جو آغاز ٿيو، جنهن ۾ ملڪ دشمنن جو نشانو اهو آهي ته پاڪستان ۾ استحڪام نه اچي. پوليس جي گاڏين کي باهه ڏني وئي، جناح هائوس تي حملو ڪيو ويو انهن جو مقصد اقتصادي پاليسي تي اثرانداز ٿيڻ هو. آءِ ايم ايف چيو آهي ته ملڪي صورتحال جو آءِ ايم ايف تي ڪو به اثر نه پوندو. بلاول صاحب جي متحرڪ حڪمت عملي اهو ڪم ڪيو آهي ته اهي ماڻهو ڪامياب نه ٿين. سنڌ حڪومت ناڪاري دور ۾ روزاني بنياد تي خدمت جو ڪم ڪري رهي آهي.

ان کي بچائڻ جي ضرورت آهي، سڀ ڪجهه خراب ناهي، اسان جي سياسي حڪومت آهي جيڪا عوام جي خدمت ڪري رهي آهي، جڏهن ماڻهو بسن کي ساڙيو ته اهي قانون جي گرفت ۾ آهن. گرفتار ماڻهو چئي رهيا آهن ته قيادت اسان کي ڀڙڪايو. هنن واٽر بورڊ جي مشينن کي ساڙيو، ڪراچي واٽر بورڊ وڌيڪ 38 مشينون آرڊر ڪري رهيو آهي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته نفرت جي سياست ڪڏهن ختم ٿيندي، هي انهن ماڻهن لاءِ پيغام آهي ته توهان کي شيون تباهه ڪرڻ نه ڏينداسين. پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستاني اسان جي اسپتالن مان فائدو وٺي رهيا آهن. نه رڳو پاڪستاني پر مغربي ملڪن مان به ماڻهو سنڌ ۾ اچي رهيا آهن. سنڌ حڪومت پاران اڄ سول اسپتال ۾ علاج لاءِ وڏو ڪم ڪيو ويو آهي قانون تحت نئين دارا سول اسپتال ۾ ٺهيا آهن هن عمارت ۾ پنج جديد يونٽ تعمير ڪيا ويا آهن. مان چيلينج ٿو ڪريان ته سڄي پاڪستان ۾ اهڙو ڪو به وڏو سينٽر ناهي جتي اينڊو اسڪوپي لاءِ پرڏيهه ويندا هئا. هاڻي سول اسپتال ۾ اها سهولت هر ڪنهن کي مفت فراهم ڪئي ويندي. هن اداري ۾ 12 هزار پروسيجر ڪيا ويندا ڪراچي جي سڀ کان وڏي خانگي اسپتال 100 پروسيجرز ڪري ٿي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته ٻارن جو وارڊ به ان ئي اداري ۾ الڳ رکيو ويندو هڪ چيف جسٽس چوندو هو ته سنڌ ۾ ڪو ڪم ناهي ٿيندو، اهو چيف جسٽس به اسان جي ڏنل گاڏي ۾ جناح اسپتال ويو. سنڌ جي وڏي وزير ڪورنگي ۾ علاج لاءِ صحت مرڪز جو افتتاح ڪيو پر منفي خبرن ۾ هي نيڪ ڪم دٻجي ويو. ڪورنگي ضلعي جي اسپتال ۾ 52 بسترن تي مشتمل ICU هوندو، ڪراچي جي چئن وڏين اسپتالن کي ملائي به اها سهولت ناهي، انشاالله هي سرڪاري اسپتال مفت ۾ علاج ڪندو، سکر ۾ 200 بسترن تي مشتمل سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ سينٽر چند مهينن اندر کوليو ويندو. لياري ۾ اي اين ايف سان گڏجي منشيات فروشن لاءِ منشيات بحالي مرڪز کوليو هو. ڪراچي جو انفراسٽرڪچر تمام گهڻو نقصان پهچي رهيو آهي. منگهو پير ۽ ملير ۾ جلد 200 بسترن تي ٻڌل ڊرگ ريهيبليٽيشن سينٽر کوليا ويندا. عوام کي سستي بجلي فراهم ڪرڻ لاءِ هائبرڊ ۽ سولر پاور لاءِ قانون سازي ڪئي آهي ڪجهه ماڻهو مايوسي پکيڙي رهيا آهن ۽ بلاول ڀٽو ترقياتي منصوبن تي ڪم ڪري رهيو آهي. سنڌ جي مختلف شهرن ۾ انفراسٽرڪچر جي بهتري لاءِ ترقياتي اسڪيمن تي ڪم ڪيو پيو وڃي. ڪراچي جي هر ضلعي ۾ انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ تي ڪم جاري آهي. سنڌ حڪومت ماضي ۾ پراپرٽي ٽيڪس گڏ ڪندي هئي، پوءِ ڊي ايم سي پاران اهو ٽيڪس گڏ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ماضي ۾ ان جي وصولي هڪ ارب 60 ڪروڙ هئي. هاڻي 1 ارب 33 ڪروڙ رپيا صرف 6 ۾ گڏ ٿيا آهن. هي رقم انهن 7 ڊي ايم سيز ڏانهن ويندي. 25 ٽائونز کي ويندي. جيڪي پنهنجن ٽائونزن شين ٺيڪ ڪرڻ جا ذميوار هوندا. اهي ئي سبب آهن جو ڪراچي کان ڪشمور تائين عوام پيپلزپارٽي کي چونڊيو آهي. بئريسٽر مرتضيٰ وهاب وڌيڪ چيو ته مخالف ڌر جي اڳواڻ جون تصويرون ۽ وڊيوز سڀني ڏٺيون آهن. گرفتار ماڻهو بيان ڏئي رهيا آهن. انهن خلاف ڪارروائي ڪرڻ رياست جي ذميواري آهي، سنڌ جو اسپيڪر چئن سالن کان جيل ۾ رهيو آهي. ٻئي طرف ڪجهه ماڻهو اهڙا به آهن جن لاءِ اهو چيو وڃي ٿو ته، مان سالن کان چوندو رهيو آهيان ته عدالتن کي حڪومتي معاملن ۾ مداخلت نه ڪرڻ گهرجي. ڪراچي ۾ نسلا ٽاور کي ڊاهيو ويو آهي ۽ اسلام آباد ۾ بني گالا کي ريگيولر ڪيو ويو. زرعي زمين تي ٺهيل اسلام آباد ايئرپورٽ ڀرسان هائوسنگ سوسائٽيون نظر اچي رهيون آهن. عدالتن جو احترام ڪريون ٿا. پر جيڪڏهن اهي حڪومتي معاملن ۾ مداخلت ڪندا ته پوءِ اهو درست ناهي جيڪڏهن امن امان خراب ٿئي ٿو ته پوءِ صحافي عدالت کان نه پر اسان کان پڇندا آهن. حڪومت جي ٿنڀن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو مان پنجاب جي معاملن تي ڳالهائي نٿو سگهان. ڇا پنجاب ۾ اليڪشن نه ٿي آهي؟ بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪجهه ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو، ڪجهه ماڻهن گرفتاري ڏني، هو فيس بڪ جو ميٽر آهي، پي ٽي آءِ سان ڪا ڳالهه ٻولهه ٿي آهي؟ هو سمجهي ويا آهن ته خواب پورو نه ٿيندو. جهانگير روڊ جي مرمت ڪرائي رهيا آهيان. قانون جي پڇڪڙي ڪندڙ خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائينداسين ته ڪنهن سان به زيادتي نه ٿئي.

بقايا 22

مونس عبدالله علوي، چيف آف اسٽاف سي اي او فرح ناز ۽ نڪولس شيورزملر شريڪ ٿيا. توانائي واري صوبائي وزير امتياز احمد شيخ چيو آهي ته بجلي جي لوڊشيڊنگ سبب شهر ۾ واٽر سپلاءِ ۽ نيڪال جو نظام سخت متاثر ٿيو آهي ۽ سخت گرمي جي موسم ۾ عوام کي بروقت پاڻي جي فراهمي ۾ سخت مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن. ان سان گڏوگڏ بروقت نيڪال نه ٿيڻ سبب بيمارين پکڙجڻ جو خطرو پڻ آهي. هن ڪي اليڪٽرڪ انتظاميه تي زور ڀريو ته پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪال واري پمپنگ اسٽيشنز تي بجلي جي فراهمي کي بنا ڪنهن وقفي جي جاري رکيو وڃي ته جيئن عوام کي پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائي سگهجي ۽ ڊرينيج سسٽم کي وقت سر بهتر بڻائي سگهجي ۽ بدبوءِ بيمارين کان محفوظ رهي سگهجي. ڪي اليڪٽرڪ جي انتظاميا صوبائي توانائي واري وزير امتياز احمد شيخ کي يقين ڏياريو ته ان مسئلي جي حل لاءِ فوري قدم کنيا ويندا، توانائي واري صوبائي وزير هدايت ڪئي ته هڪ هفتي جي اندر بجلي جي فراهمي جي حوالي سان تفصيلي رپورٽ پيش ڪئي وڃي.

بقايا 23

ا ڪنهن فنڪار جي امڙ کي دل کي ڇهندڙ پيتا خودساخته البم "اذان دي البم" جي تمام وڏي تصويري جهلڪ آهي. اذان سميع خان پنهنجي انسٽاگرام تي آرٽ ورڪ پوسٽ ڪندي ڪيپشن ۾ چيو آهي ته "سوچيو هو ته البم لاءِ پهريون آرٽ ورڪ پڌرو ڪرڻ جو اهو بهترين طريقو هوندو". سندس وڌيڪ چوڻ آهي ته البم ۾ ماءُ جي نالي سان هڪ گانو آهي هو نٿو سمجهي ته چوڻ لاءِ وڌيڪ ڪجهه آهي. منهنجي لاءِ ماءُ منهنجي "امڙ" لاءِ آهي. تنهنڪري مونکي اميد آهي ته هڪ ڏينهن اهو اوهان لاءِ به هوندو ڳڻو هڪ پيرو اچڻ ڏيو". "ماءُ" جي نالي سان اهو گانو اذان خان جي ايندڙ البم جو آهي، جيڪو هن سال رليز ٿيڻ وارو آهي. گلوڪار پنهنجي ٻئي البم جي رڪارڊنگ واري عمل کان اسٽوڊيو اپڊيٽس پنهنجين سوشل ميڊيا تي باقاعدگي سان شيئر ڪري رهيو آهي. هيل تائين خان پروڊيوسر طلال قريشي سان گڏ "من مرضي" نالي سان هڪ ٽريڪ تادان دل جي تياري پڻ شيئر ڪئي آهي ان سان گڏوگڏ انسٽاگرام تي پنهنجي مداحن لاءِ منعقد ڪيل هڪ لائيو سيشن ۾ البم همدم جي هڪ ٻئي گاني جي جهلڪ پڻ ڏني آهي. هُن لنڊن ۾ رڪارڊنگ سيشن جون جهلڪون پڻ شيئر ڪيون آهن جيڪي سندس ڊجيٽل پليٽ فارمز تي فلمايون ويون آهن. اذان سميع خان کي تنقيدي طور تي ساراهي ويندڙ فلمن جهوڪ پري هٽ لو ۽ سپر اسٽار. ان سان گڏوگڏ ڊراما سيريلز ڪجهه انڪهي، عشق لا ۽ ٻين جي اصل او ايس ٽي ڪمپوز ڪرڻ جو اعزاز حاصل آهي. هي البم خان طرفان هن کان پهريئن البم "مين تيرا" کان پوءِ ٻي پيشڪش طور آيو آهي، خان جي نئين البم اذان جي رليز بابت اپڊيٽس لاءِ سندس سوشل ميڊيا پليٽ فارم سان ڳنڍيل رهو.

بقايا 24

روس خلاف ويڙهه لاءِ وڌيڪ ٽئنڪون، هٿيار بند گاڏيون ۽ اذان جي فوجين جي تربيت ڪندو پنهنجي اڳواڻن جي ملاقات بعد جاري ڪيل گڏيل پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته ايندڙ ڪجهه هفتن ۾ فرانس يوڪرائن جي بٽالينز کي ٽريننگ ۽ ايم ايڪس 10 آر سي ٽئنڪن سميت هٿيار بند گاڏيون ڏيندو، بيان وڌيڪ چيو ويو آهي ته پيرس يوڪرائن سان دفاعي سهڪار وڌائڻ وارن معاملن تي ڌيان ڏيندو، انڪان سواءِ فرانس روس تي وڌيڪ پابنديون مڙهڻ جو اشارو به ڏنو آهي. گڏيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته يوڪرائن ۽ فرانس ان ڳالهه تي متفق آهن ته ٻنهي ملڪن روس جي غيرقانوني جنگ خلاف ان تي وڌيڪ دٻاءُ وڌائيندا.

بقايا 25

تي ڳڻتي ظاهر ڪئي وئي. ملڪ جي ايڪانامي صورتحال کي تشويشناڪ قرار ڏنو ويو عدالتن ۽ پارليامينٽ جي ٽڪرار کي پڻ ملڪي مفاد جي خلاف محسوس ڪيو ويو ملڪ ۾ مهانگائي، لاقانونيت ۽ ڪرپشن ڪري غريب عوام جو جيئڻ ڏکيو ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. ڊجيٽل آدمشماري کي مخصوص سياسي پارٽين جي فرمائش تي مقرر وقت کان پنج سال اڳ ڪرايو پيو وڃي، جن ۾ شفافيت جي اڻاٺ محسوس ٿئي پئي. سنڌ ۾ غير قانوني تارڪين وطن ماڻهن کي بوگس شهريت ڏيئي سنڌي سنڌ جا ڪارڊ ٺهرائي ڏنا پيا وڃن. جنهن ڪري سنڌ جي آبادي تي وڏو خراب اثر پئجي رهيو آهي. ڪراچيءَ شهر جي آبادي بوگس طريقي سان وڌائي لکي وڃي پئي، جڏهن ته سنڌ جي سامونڊي علائقن، درياهي ڪچي، جابلو پٽي، ٿر جو علائقو، ڪوهستان ۽ ڪاڇي تائين ڳڻپ ٽيمون وڃن ئي ناهن. ان کان سواءِ ٻوڏ ۽ برسات سٽيل ماڻهن جن جا هزارين ڳوٺ لڙهي ۽ ٻڏي برباد ٿي ويا آهن، جيڪي ماڻهو ڪئمپن ۽ روڊن تي خيما هڻي ويٺل آهن، ان لکين ماڻهن کي ڳڻپ کان ٻاهر رکيو آهي، جيئن ته پارٽي جي چيئرمين مولانا عزيزالله بوهيو صاحب جي وفات کان پوءِ نئين پارٽي قيادت چونڊي وئي هئي، ان قيادت جي ڪارڪردگي مان ميمبرن جي گهڻائي مطمئن نه هئي، ان ڪري اڪثريت سان فيصلو ڪيو ويو ته هاڻوڪي قيادت کي ختم ڪري ايندڙ ٽن مهينن ۾ پارٽي جون نئين سر چونڊون ڪرايون وينديون، تيستائين آرگنائيزنگ ڪميٽي ٽن ميمبرن جي جن ۾ ايڊووڪيٽ وزير اڄڻ فقير سڪندر ڪوسو ۽ حافظ سڪندر ٿيبو جوڙي وئي جيڪا پارٽي جي معاملن تي نظر رکندي، تيستائين ٽن مهينن جو وقت ڏنو ويو آهي ته جيڪي ميمبر ايندڙ اليڪشن ۾ ڀاڱو وٺڻ گهرن سي پنهنجي ميمبرشپ ڪرا ڪندا رهن. دوستن سان رابطا ڪندا رهن ٽن مهينن بعد ٿيندڙ اليڪشن بعد جيڪا قيادت چونڊجي ايندي ان کان حلف پارٽي جي باني چيئرمين مولانا عزيزالله بوهيو مرحوم جي ڳوٺ خير محمد بوهيو ضلعو نوشهرو فيروز ۾ ڪرايو ويندو.

بقايا 26

جي آبادي کي هرحال ۾ پورو ڳڻيو وڃي مڪاني چونڊن جي نتيجن جي صورتحال ۽ اٿيوري تڪراري آدمشماري جي حوالي سان ادارا نورالحق ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته اسان اسلام آباد جي اجلاس ۾ به اها ئي ڳالهه ڪئي هئي ته اسانکي 15 ڏينهن جي واڌ جي خيرات نه گهرجي اسان گهر ڪريون ٿا ته اسان کي پورو ڳڻيو وڃي گذريل 15 ڏينهن ۾ رڳو 10 لک ماڻهن کي ڳڻيو ويو آهي 16 هزار جي عملي هڪ لک گهرن جي گهرشماري ڪئي آهي هن چيو ته 34 ارب رپين جي بجيٽ سان آدمشماري جو ڪم ڪيو پيو وڃي ۽ 16 هزار جو عملو 16 هزار بلاڪس ڪوري جي گهرشماري به نه ڪري سگهيو ڪراچي جي ڊگهين عمارتن جو انگ 38 هزار آهي جتي عملو ويو ئي نه آهي آدمشماري جي عملي نارٿ ناظم آباد ۾ فارم ڏنا ۽ هليو ويو ايس او پي مطابق گهر شماري ڊجيٽل ٿيڻي هئي پر هن فارم ڏنو ۽ هليو ويو حافظ نعيم چيو ته نارٿ ناظم آباد جي وائيس چيئرمين فارم ڀرائي عملي وٽ جمع ڪرايا پر اڃا تائين اهي ڳڻپ ۾ شامل ناهن ڪيا ويا سنڌ حڪومت سڌي سنئين ذميوار آهي ته ڪراچي جي آدمشماري کي صحيح نموني سان ڳڻيو وڃي پيپلزپارٽي کي ڪراچي حيدرآباد سکر سميت شهرن جي آبادي جي ڪائي ڳڻتي نه آهي جڏهن اسان حقن جي ڳالهه ڪريون ٿا ته پيپلزپارٽي ان کي لساني رنگ ڏئي ڇڏي ٿي امير جماعت جو چوڻ هو ته پيپلزپارٽي جي وزير اڄ ڪراچي جي ڳالهه ڪري رهيا آهن هي ڪراچي ۾ پنهنجا جهنڊا نه لڳائي سگهندا هئا اسان چاهيون ها ته الطاف حسين سان ڏاهه ڪريون ها پر اسان ائين نه ڪيو بينظير الطاف ڀائي ڀائي جو نعرو سڀ کي ياد آهي اڄ به ايم ڪيو ايم پيپلزپارٽي سان گڏجي ڪراچي جي آدمشماري ۾ فراڊ ڪري رهي آهي هنج پوءِ نه اسان جو واضح ۽ پوءِ اهو ڪهڙي ۾ ڪراچي ۾ جيڪو حڪمتي رهي ٿو پوءِ اهو ڪهڙي ۾ ٻولي ڳالهائيندڙ هجي ان کي ڳڻيو وڃي 34 ارب رپيا وٺڻ وارن جي ذميواري آهي ته ڪراچي جي آبادي کي صحيح ڳڻيو وڃي.

بقايا 27

چئي، ان موقعي تي چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت ۽ انسپيڪٽر جنرل پوليس پڻ موجود هئا. سنڌ جي وڏي وزير 17 کان 18 گريڊ ۾ ترقيون حاصل ڪندڙ پوليس آفيسرن کي خطاب ڪندي چيو ته تجربيڪار ايس پيز جي نئين بيچ سامهون آئي آهي، هن وڌيڪ چيو ته بهتر ٿيندو ته امن امان، جهيڙن، ڦرلٽ، اغوا ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ کي منهن ڏيڻ ۾ سندس تجربن کي استعمال ڪيو وڃي. وڏي وزير وڌيڪ چيو ته انهن نون ترقي ماڻيندڙ ايس پيز کي به جاچ ۽ پوليسنگ جو سٺو تجربو آهي تنهنڪري ڪين صوبي ۾ ڏوهن تي ضابطو آڻڻ لاءِ کاتي جي مدد ڪرڻ گهرجي. چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت چيو ته 4 سالن ڪانپوءِ ترقيون ڪيون ويون آهن. هن ترقي ماڻيندڙ آفيسرن کي پڻ هدايت ڪئي ته هو ايمانداري سان ڪم ڪن هن چيو ته 30 ڊي ايس پيز کي ايس پي جي عهدن تي ترقي ڏني وئي آهي. آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ وڏي وزير جي پنهنجي کاتي جي سهڪار ۽ رهنمائي کي ساراهيو. هن چيو ته وڏي وزير پوليس کاتي کي جديد هٿيارن ۽ گيجٽس جي خريداري ۽ سکيا بابت جديد ٻڌايو آهي، وڏي وزير وزيراعليٰ هائوس ۾ ترقي ماڻيندڙ ايس پيز کي رينڪ ڏيڻ واري تقريب منعقد ڪئي. ان موقعي تي ترقي ماڻيندڙ ايس پيز جا خاندان پڻ موجود هئا. وڏي وزير جي هٿان رينڪ ڏيندڙ ايس پيز ۾ وڏي وزير جو پي ايس او 2 اصغر علي شاهه، ياسين ملاڻي، ياسين ڪلواڙ، لبنيٰ ٽوانا، سهيل شاهه، لياقت عباسي، اورنگزيب عباسي، ارباب سومرو، منير عرساڻي، شڪيل سرفراز، شاهنواز ميمڻ، رانا اقبال جاويد، رشيد رند، الله بخش ڍڪڻ، رسول بخش سيال، محمد رياض، اصغر جت، منظور پنهور، جمعه خان پنهور، راجا اظهر محمود، ملڪ ايم قاسم، شاهد علي، فرحت ڪمال خان، محمد عارف رانا، فيصل نور ۽ وقار ملهڻ شامل هئا.

بقايا 28

قانون آهي. هن وڌيڪ چيو ته اسان خلاف ڪيسن جي ڪا حيثيت ناهي. 100 کان وڌيڪ جاچ ٿي آهي، رماند تي جيل ويو آهي، اسان رويو ناهي، شاهد خاقان عباسي وڌيڪ چيو ته اڄ عوام جو انصاف جي نظام تان اعتماد ختم ٿي ويو آهي، هن چيو ته جڏهن جناح هائوس تي حملو ٿيو ته ان جو ڪو به سنجيده نوٽيس نه ورتو ويو.

بقايا 29

به نه ڪري سگهيا، عمران خان کي سرعام ڦاهي ڏيڻ گهرجي. قومي اسيمبلي ۾ تقرير ڪندي راجا رياض چيو ته عمران خان ۽ ان جي ساٿين اهو ڪم ڪيو جنهن سان سڄي قوم جو ڪنڌ شرم وچان جهڪي ويو، اڄ سڄو ايوان شرمندو آهي. جيڪي جهاز ڀارت نه ڪيرائي سگهيو اهي شريسندن ساڙي ڇڏيا، هن چيو ته عمران خان فتنو آهي. ڏڪيڙ آهي. هن ۽ سندس ساٿين ادارن خلاف مهم هلائي، ڪڏهن رماند ۾ ڪنهن کي ضمانت ملي آهي؟ لاڏلي کي رماند دوران عزت ۽ احترام سان گيسٽ هائوس موڪليو ويو، عمران خان کي سرعام ڦاهي ڏيڻ گهرجي ها، سندس چوڻ هو ته عمران خان خلاف آرمي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو وڃي. ملڪ دشمنن کي جيڪڏهن لغام نه ڏنو ويو ته اهي پاڪستان ٽوڙڻ لاءِ ڪجهه به ڪندا.

بقايا سنڌيار 01

شيون جن ۾ اڇي رنگ جي شاهڪار پوشاڪ، سنڌس وارن ۾ گل ۽ پس منظر ۾ ڪهڪشان جي عنصرن جي عڪاسي ٿيل آهي جيڪا ڪنهن فنڪار جي امڙ کي دِل کي ڇهندڙ پيتا خودساخته البم "اذان دي البم" جي تمام وڏي تصويري جهلڪ آهي. اذان سميع خان پنهنجي انسٽاگرام تي آرٽ ورڪ پوسٽ ڪندي ڪيپشن ۾ چيو آهي ته "سوچيو هو ته البم لاءِ ڀهريون آرٽ ورڪ پڌرو ڪرڻ جو اهو بهترين طريقو هوندو". سنڌس وڌيڪ چوڻ آهي ته البم ۾ ماءُ جي نالي سان هڪ گانو آهي هو نٿو سمجهي ته چوڻ لاءِ وڌيڪ ڪجهه آهي منهنجي لاءِ ماءُ منهنجي "امڙ" لاءِ آهي، تنهنڪري مونکي اميد آهي ته هڪ ڏينهن اهو اوهان لاءِ به هوندو رُڳو هڪ ڀيرو اچڻ ڏيو". "ماءُ" جي نالي سان اهو گانو خان جي ايندڙ البم جو آهي، جيڪو هن سال رليز ٿيڻ وارو آهي. گلوڪار پنهنجي ٻئي البم جي رڪارڊنگ واري عمل کان اسٽوڊيو اپڊيٽس پنهنجي سوشل ميڊيا تي باقاعدگي سان شيئر ڪري رهيو آهي. هيل تائين خان پروڊيوسر طلال قريشي سان گڏ "من مرضي" نالي سان هڪ ٽريڪ نادان دل جي تياري پڻ شيئر ڪئي آهي ان سان گڏوگڏ انسٽا گرام تي پنهنجي مداحن لاءِ منعقد ڪيل هڪ لائيو سيشن ۾ البم همدم جي هڪ ٻئي گاني جي جهلڪ پڻ ڏني آهي. هُن لندن ۾ رڪاردن سيشن جون جهلڪون پڻ شيئر ڪيون آهي جيڪي سنڌس ڊجيٽل پليٽ فارمز تي فلمايون ويون آهن. اذان سميع خان کي تنقيدي طور تي ساراهي ويندڙ فلمن جهڙوڪ پري هٽ لو ۽ سپر اسٽار، ان سان گڏوگڏ ڊراما سيريلز ڪجهه انکهي، عشق لاءِ ۽ ٻين جي اصل او ايس ٽي ڪمپوز ڪرڻ جو اعزاز حاصل آهي. هي البم خان طرفان هن کان ڀهرئين البم "مين تيرا" کان پوءِ ٻي پيشڪش طور آيو آهي. خان جي نئين البم اذان جي رليز بابت اپڊيٽس لاءِ سنڌس سوشل ميڊيا پليٽ فارم سان ڳنڍيل رهو.

بقايا سنڌيار 02

رهواسي ٻڌايو پيو وڃي، جيڪو وارثن وٽ صالح پٽ جي علائقي آر ڊي 186 گهمڻ آيو هو. جيڪو اڄ واپس پنهنجي گهر ڏانهن وڃي رهيو هو جنهن جو لاش پليٽ فارم تان مليو آهي، ريلوي پوليس وارثن کي فوت ٿيڻ جو اطلاع ڏنو وارث پهچي ڪري پوليس سان گڏ جي لاش تعلقا اسپتال روهڙي آندو ، جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 03

عدالتن ۽ پارليامينٽ جي ٽڪرار کي پڻ ملڪي مفاد جي خلاف محسوس ڪيو ويو. ملڪ ۾ مهانگائي، لاقانونيت ۽ ڪرپشن ڪري غريب عوام جو جيئڻ ڏکيو ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي، ڊجيٽل آدمشماري ڪن مخصوص سياسي پارٽين جي فرمائش تي مقرر وقت کان پنج سال اڳ ڪرايون پيو وڃن، جن ۾ شفافيت جي اڻاٺ محسوس ٿئي پئي، سنڌ ۾ غير قانوني تارڪين وطن ماڻهن کي بوگس شهريت ڏيئي سنڌ ڌن شناختي ڪارڊ ٺهرائي ڏنا پيا وڃن، جنهن ڪري سنڌ جي آبادي تي وڏو خراب اثر پئجي رهيو آهي، ڪراچيءَ شهر جي آبادي بوگس طريقي سان وڌائي لکي وڃي پئي، جڏهن ته سنڌ جي ساموندي علائقن، درياهي ڪچو، جابلو پٽي، ٿر جو علائقو، ڪوهستان ۾ ڪاچي تائين ڳڻپ ٽيمون ويون ئي ناهين، ان کان سواءِ ٻوڏ ۽ برسات ستيل ماڻهوجن جا هزارين ڳوٺ لڙهي ۽ ڍهي برباد ٿي ويا آهن. جيڪي ماڻهو ڪيمپن ۽ روڊن تي خيما هڻي ويٺل آهن، تن لکين ماڻهن کي ڳڻپ کان ٻاهر رکيو آهي، جيئن ته پارٽي چيئرمين مولانا عزيز الله ٻوهيو صاحب جي وفات کان پوءِ نئين پارٽي قيادت چوندي ويئي هئي، ان قيادت جي ڪارڪردگي مان ميمبرن جي گهڻائي مطمئن نه هئي، ان ڪري اڪثريت سان فيصلو ڪيو ويو ته هاڻوڪي قيادت کي ختم ڪري ايندڙ ٽن مهينن ۾ پارٽي جون نئين سر چونڊون ڪرايون وينديون، تيسائين آرگنائيزنگ ڪميٽي ٽن ميمبرن جي جن ۾ ايڊوڪيٽ وزير اڄڻ، فقير سڪندر ڪوسو ۽ حافظ سڪندر ٿيبو جوڙي ويئي جيڪا پارٽي جي معاملن تي نظر رکندي، تيستائين ٽن مهينن جو وقت ڏنو ويو آهي ته جيڪي ميمبر ايندڙ اليڪشن ۾ ڀهرو وٺڻ گهرن سي پنهنجي ورڪ ڪندا رهن، دوستن سان رابطا ڪندا رهن ٽن مهينن بعد ٿيندڙ اليڪشن بعد جيڪا قيادت چوندجي ايندي ان کان حلف پارٽي جي باني چيئرمين مولانا عزيز الله ٻوهيو مرحوم جي ڳوٺ خير محمد ٻوهيو ضلعو نوشهرو فيروز ۾ ڪٽايو ويندو.

بقايا سنڌيار 04

مائٽن شرڪت ڪئي ۽ آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو آهي. هوڏانهن انساني حقن واري تنظيم جي مرڪزي اڳواڻ ۽ خيرپور جي واپاري شخصيت مظفر حسين عباسي ۽ ٻين چيو آهي ته افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته سول اسپتال خيرپور جي بلڊنگ عاليشان عمارت آهي. جنهن ۾ هن وقت تائين برنس وارڊ نه آهي. جنهن ڪري بروقت علاج نه ٿيڻ ڪري انساني جانيون ضايع ٿي وڃن ٿيون. جنهن ڪري اسان سنڌ حڪومت کان پرزور مطالبو ٿا ڪريون ته سول اسپتال خيرپور ۾ برنس وارڊ قائم ڪيو وڃي ته جيئن اوچتو ڪو حادثو پيش اچي ته اُن جو بروقت علاج ٿي سگهي ۽ انساني زندگيءَ بچي سگهي. ياد رهي ته خيرپور جي مير علي بازار محلي ۾ بجلي بند سبب جنريٽر مان احسان عرف ببلو شيخ جي گهر کي باهه لڳي وئي هئي. جنهن ۾ 6 گهرڀاتي زخمي ٿي پيا هئا ۽ گهر جو الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو هو جنهن سبب لکين رپين جو نقصان ٿيو

بقايا سنڌيار 05

تي استادن عارف قريشي ، دانش خلجي، محمد منشا، شاگردياڻي راڌيڪا، شاگرد روهت ڪمار ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان جي هٿياربند فوج ملڪ جي دفاع ۽ سالميت لاءِ تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن. 9 مئي تي شرپسندن اشتعال انگيز نعرا هڻيا ۽ ڪور ڪمانڊر هائوس لاهور تي حملو ڪيو ايم ايم عالم جي جهاز کي ساڙيو، جي ايچ ڪيو تي حملو انتهائي بزدلاڻو عمل آهي. جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا. ۽ پاڪستان آرمي، جي صبر ۽ استقامت کي ساراهيون ٿا جن انتهائي نظر وضبط جو ثبوت ڏيندي چڙ ڏياريندڙن جي شرپسندي کي شڪست ڏني

بقايا سنڌيار 06

اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته بااثر ماڻهو گلشير ۽ بهار شر قديمي قبرستان ڦٽو شهيد جي ايراضيءَ تي قبضو ڪري رهيا آهن قبرستان جي خادم عبدالرزاق شر ۽ ٻين جي روڪڻ تي ايتو ڏمرجي پيا آهن جنهن تي قبرستان جي آستاني کي ڊاهي ڪاردر سميت ڇت جو سامان ڪٽي ويا آهن. علم پاڪ کي پٽي اڇلائي ويا آهن قبرستان جا لکين رپيا ماليت جا وڻ وڍائي ڪٽي ويا آهن. ٺلڪو پٽي ڪٽي ويا آهن. ۽ اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. هو بااثر ماڻهو آهن اسان کي هنن مان خطرو آهي اسان قبرستان جا خادم آهيون اسان جا پيارا هتي دفن آهن جنهن قبرستان تي هو قبضو ڪري رهيا آهن هن ايم پي اي سردار شهريار خان شر، ڊي سي گهوٽڪي، ايس ايس پي گهوٽڪي، سميت وس وارن کان قديمي قبرستان تان قبضو ختم ڪرائي، تحفظ ۽ انصاف جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 07

کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي سرڪاري گدامن تي جمع ڪنداسين هنن وڌيڪ چيو ت اڄ هالاڻي محرابپور ڪوٽڙي محمد ڪبير جي گدامن تي ڇاپا هڻين واپاري نجم سهتومهرومل‌موبين قريشي جي گدامن مان 4300 ٻورين ڪڻڪ جو غير قانوني طور گڏ ڪيل هٿ ڪيون آهن ۽انهن واپارين خلاف پڻ سخت قدم کنيون ويندو ۽ جٽي جٽي اسانکي اطلاع ملندو اهو واپاري ڀلي ڪيڏي ب سياسي طاقت رکندو هجي اتي ڇاپا هنيا ويندا جڏهن ت انهن گدامن کي سيل پڻ ڪيو ويو آهي‌فود انسپيڪٽر نبي بخش لغاري چيوت اسان رات ڏينهن محنت ڪري روڊن تي بيهي ٽرالرن ۾ ويندڙ هڪ شهر کان ٻئي شهر ڪڻڪ کٽي ويندڙ ٽرالرن کي روڪي ڪڻڪ جو حدف پورو ڪري رهيا آهيون ان موقعي تي سائنس سان گڏ ٽپيدار عرفان عاشق علي تانگوٽپيدار وسيم ملاح‌ٽپيدار امان الله سومرو گڏ هيا

بقايا سنڌيار 08

جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف ٻڌيل اهيون. چام بجار خان جوکيو چيو ت اسان پنهنجي وس آهر حد کان وڌيڪ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن، رهجي ويل ڳوٺن توڙي شهرن ۾ ب جلد ترقياتي ڪمن جو چار وڇايو ويندو ٻئي طرف پ پ پ ايم پي اي سردار جام اويس بجارجوکيو جنگشاهي ۾ غلام رباني هائوس تي پهچي بلدياتي اليڪشن ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ نمائندن ۽ جنگشاهي جي معززين سان ملاقاتون ڪري کين سنڌن ڪاميابي تي مبارڪون ڏيندي ايم پي اي سردار جام اويس بجار خان جوکيو چيو ت ضلعي ٺٽي سميت پوري سنڌ مان پ پ پ اميدوارن بلدياتي اليڪشن ۾ وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي مخالف کي بري شڪست ڏني آهي. هن چيو ت عوام سان سنڌن هميش ساٿ رهندو ان موقعي تي جام احسان جوکيو، چام سهيل، بشير احمد جوکيو بخت علي جوکيو بابو غلام مصطفي جوکيو محمد علي ميراڻي، جاويد جوکيو، بابو عبدالعزيز ناهيو، ذوالقرنين پليجو. سلطان احمد ملاح، ڪمال جوکيو مقصود جوکيو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 09

مقابلو کٽڻ تي صوبي ۽ پاڪستان جو نالو روشن ڪرڻ ۽ همت افزائي لاءِ چانهه جي دعوت گهرايو 13 سالن جي امير حمزه تازو ٿي باڪو، آذربائيجان ۾ منعقد ورلڊ اسڪالر ڪپ ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪئي ۽ 13 ميڊل کٽيا جن ۾ 7 گولڊ ۽ 6 سلور شامل آهن ان کان اڳ هن بين الاقوامي سطح تي مختلف مقابلن ۾ پڻ حصو ورتو ۽ مختلف ميڊل کٽيا. وڏي وزير وزيراعليٰ هائوس ۾ سائنس چانهه جي ڪپ تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ سنڌس مستقبل لاءِ حڪومت پاران هر ممڪن سهڪار جي خاطري ڪرائي. وڏي وزير چيو ته اسان توهان جو ساٿ ڏينداسين ته جيئن توهان بين فورمن تي مقابلو ڪري سگهو ۽ وڌيڪ چيو ته امير حمزه صوبي ۽ ملڪ جو هيرو آهي.

بقايا سنڌيار 10

مرتضيٰ قل، خالد ميمڻ ۽ ٻين ڪيس پيتا ڏيندي چيو ته سائين محمد ايوب منگي پاڻائي پنهنجي سڄي زندگي سادگي ۽ انسانذات جي ڀلي لاءِ گذاري هو حقيقت پسند ۽ پنهنجي ڪم سان ڪم رکندڙ اعليٰ پائي جو انسان هو هن جوجنم ڀومي پاٽ شريف ضلع دادو هو پر ڪيس ساهتي پرڳڻي جي علمي ۽ ادبي شهر درپيلو جو پاڻي ايترو ته پيارو لڳو جو پاڻ سڄي زندگي هن شهر ۾ گذاري ان جي مٽيءَ کي پاڻ مٿان واري ڇڏيو سنڌس علمي ۽ سماجي ڪيل خدمتون اڄ به ياد ڪيون پيون وڃن اڳواڻن چيو ته انسان پنهنجي ڪردار وسيلي هميشه زنده رهندو آهي سائين محمد ايوب جي زنده هجڻ جو ثبوت اهو آهي جو اڄ ڪيس پيتا پيش ڪرڻ لاءِ باشعور اديب شاعر علمي ۽ سماجي شخصيتون موجود آهن ورسي تقريب ۾ چراغان ڪري سنڌس ٻاريل شمع کي روشن رکڻ جو وچن ڪيو ويو تقريب جي آخر ۾ مانجهاندي جو اهتمام پڻ ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 11

روانيون گهوٽڪي:پڪٽ تي پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مقابلو جاري.ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس صادق لکڻ پوليس پڪيٽ تي رواني

بقايا سنڌيار 12

استاد علي اڪبر چنڙ اطلاعات سيڪريٽري استاد بخشل احمد چنڙ خزانچي نادر علي چنڙ آفيس سيڪريٽري ايڊوڪيٽ شايان علي چنڙ معاون آفيس سيڪريٽري وڪيل ذولفقار علي چنڙ کي صوفي امجد علي چنڙ حلف کٽايو تقريب کي خطاب ڪندي چيئرمين الطاف حسين چنڙ ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ت هي تنظير جو سياست سان ڪوب واسطو ناهي سياسي حساب سان ڪير ڪنهن جو ووٽر آهي ۽ جنهن کان سپورٽ يا مدد وٺي ان ۾ اسان جو ڪوب عمل دخل ن ٿيندو پر جيڪر ڪوب ماڻهن سچوا جي اڳواڻن وٽ ايندوت پو اسان ان جي ڪنهن ب قسم جي مدد يا فيصلو وغيره ڪندا سين اسان ڳوٺ جي هر مسئلي پنهنجو مسئلو سمجهي ان کي حل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا سين سومر چنڙ ۾ رهندڙ چنڙ ميمڻ سولنگي پٽي چنا سڀ ذاتين وارا اسان جا ڀائر آهن انهن سيني جي مسئلن سکن ڏکن ۾ اسان سيني سان گڏ هوندا سين هنن جوا ڪيڏنڊ ايڪي سو کان علاوه جيڪي ب نشي آور شيون ڪپائيندڙ کي هفتي جوالٽيميٽم ڏيندي چيو ت نشي آور شيون کپائڻ بند ڪيو ٻي صورت ۾ هو پاڻ زميوار هوندا اڳواڻن ڳوٺ چورين ڪندڙ جي کي خبردار ڪيو ت اهي چورين ڇڏي ڏين انهن جي ڪوب سپورٽ ن ڪندو انهن کي سخت کان سخت سزا ڏني ويندي

بقايا سنڌيار 13

ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪئي، جنهن بعد 3 مئي 2023 ع تي سيشن ڪورٽ ۾ ضمانت لاءِ آيل ايف آئي آر ۾ نامزد جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪڙيو گنهور پوليس سميت بدين سميت مختلف ٿاڻن سان وابستگي رکندڙ پوليس بااثر محمود چيما ۽ آئي جي سنڌ جو سنڌو سڏائيندڙ رياض ميمڻ سيشن ڪورٽ بدين پهتا، جنهن بعد 4:31 منٽن تي سيشن ڪورٽ جي دروازي اڳيان ايف آئي آر ۾ نامزد سمورن جوابدارن کي ڪڙيو گنهور پوليس گرفتار ڪيو ان وقت جون وڊيوز ۽ تصويرون موجود آهن. بعد ۾ کين ايس ايچ او ڪڙيو گنهور الاول خاصخيلي گم ڪري ڇڏيو ۽ 6 مئي 2023 ع تي سيشن ڪورٽ ۾ پيش ڪيو جتي جوابدارن تي 5 مئي 2023 ع تي جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪرڻ ۽ جوابدارن وٽان برآمد ٿيل ڪلاشنڪوفن سميت جديد هٿيار پيش ڪيا ويا، مطلب اهو ته 3 مئي 2023 ع تي سيشن ڪورٽ اڳيان گرفتار ٿيل جوابدارن ٻن ڏينهن کان پوءِ جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪئي ۽ پوءِ ڪڙيو گنهور ايس ايچ او الاول خاصخيلي جاءِ واردات تان ساڳين جوابدارن کي گرفتار ڪيو ايس ايچ او ڪڙيو گنهور الاول خاصخيلي پاران بااثرن ايتري ته ونگار جو 5 مئي 2023 ع تي فائرنگ ڪرڻ جون 3 ايف آئي آر پوليس جي فرياد ۾ داخل ڪيون ويون. اگر سموري واقعي ۽ ايس ايچ او ڪڙيو گنهور الاول خاصخيلي جي ونگار ڏسجي ته انهي ڳالهه جو اندازو انهي ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته 1 اپريل تي داخل ڪيل ڪيس کي تقريبن 45 ڏينهن گذري چڪا آهن پر ايس ايچ او صاحب ڪورٽ سگهوري ۾ ڪيس جو چالان ئي پيش نه پيو ڪري، چالان پيش نه ڪرڻ جو مطلب هر ڪنهن کي خبر آهي. اسان آئي جي سنڌ ۽ ايس ايس پي بدين کي گذارش ٿا ڪريون ته هن سموري معاملي جي ذاتي طور تي جانچ ڪن ته ايس ايچ او ڪڙيو گنهور الاول خاصخيلي سميت پوليس ۾ شامل ڪاريون رڍون ۽ بااثرن جي ونگار تي ڪم ڪندڙ واڪا ٿي ويندا، ٻي صورت ۾ هي بااثرن جي ونگار تي ڪم ڪندڙ غريب ماڻهن کي سکون سان رهڻ نه ڏيندا.

بقايا سنڌيار 14

جنهن ۾ سنڌ جي مشهور اداڪارن اسد قريشي،علي گل ملاح، سهراب سومرو، ظفر جسڪاڻي، اسلم ڀٽو ،مير محمد لاکو، اي آر بلوچ، رسول بخش ڏاهري، منور شاهه، نسرين ناز، محمود لاکو، منور سيال، وهاب سومرو ،غلام مصطفي عباسي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنازي جي نماز بعد مرحوم جي مڙهه کي ڪورنگي جي مقامي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو ياد رهي ته شبيران چند جو عيد جي موڪلن دوران قاضي احمد لڳ حادثو پيش آيو هو جنهن بعد هو ڊائو اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ مسلسل ڪوما رهي ۽ ڪالهه رات ساه جو سگهو ٽٽي پيو ٻئي سنڌ تعزيت جو سلسلو جاري آهي تعزيتي تڏي تي موجود اداڪارن چيو ته آپي شبيران چند سنڌ جي ليجنڊ اداڪاره هئي جنهن سڄي زندگي فن کي ارپي سنڌس فني خدمتون ياد رهنديون الله پاڪ مرحوم جي مغفرت فرمائي ۽ جنت الفردوس ۾ اعلي مقام عطا ڪري.

بقايا سنڌيار 15

باهه لڳڻ سبب ٽن ڳوٺاڻن نثار احمد شيخ، شڪيل احمد شيخ، عطاء محمد شيخ جي گهرن کي باهه ڪوڙي وٺي گهرڀاتي صرف جانيون بچائي سگهيا سنڌن جو گهرن ۾ پيل اناج ڪپڙا سونا زيور روڪ رقم ۽ پيو گهريلو سامان سڙي رک ٿي ويو ٻئي طرف صدرجي پٽيون جي ڳوٺ ارباب ڪلهوڙو ۾ ڳوٺاڻن زاهد ڪلهوڙو، اصغر ڪلهوڙو، ثناء الله، عامر الهوڏايو ۽ سرور ڪلهوڙو جي گهرن کي اوچتو باهه لڳي وڃي جنهن سبب 6 ٿي ڳوٺاڻن جي گهرن ۾ پيل سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو آهي ۽ لکين رپين جو نقصان ٻڌايو پيو وڃي. ان ڏس ۾ باهه متاثرين جو چوڻ هو ته اوچتو تيز طوفان هوا لڳڻ سبب باهه جا واقعا پيش آيا آهن تيز رفتار طوفان ۽ هوا لڳڻ ڪري گهرن جي چلهين مان چڻنگ اڏڻ سبب باهه گهرن کي اوچتو وڪوڙي وئي ۽ لکين رپين جو نقصان ٿيو آهي اهڙو اطلاع فائر برگيڊ عملي کي ڏيڻ باوجود به عملو واقعي واري هنڌ نه پهتو جنهن ڪري وڌيڪ گهرن ۾ پيل سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو آهي ان موقعي تي باهه متاثرين وس وارن کان مالي سهائتا جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 16

پويان روانا ٿي ويا آهن ٻئي پاسي علائقي ۾ وڌندڙ بدامني سبب ماڻهو خوف ۾ مبتلا ٿي ويا آهن عام ماڻهن سوڌو صحافي به غير محفوظ بڻيل آهن آخري اطلاعن موجب ته پوليس کي ڪابه ڪاميابي نه ملي سگهي آهي ۽ ڌوهاري پوليس جي گهيري مان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن ٻئي پاسي پوليس امن ڪرائڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي وئي آهي ڌاڙيلن جو راڄ برقرار آهي واضح رهي ته گذريل ٽن ڏينهن ۾ هٿياربندن پنهنجون ڪارروايون تيز ڪندي ٻن پوليس پڪٽن تي حملو ڪري به پوليس اهلڪار شهيد ۽ هڪ کي زخمي ڪري سنڌن سرڪاري هٿيار به پاڻ سان کڻي ويا ۽ چئن ڄڻن کي اغوا ڪري فرار ٿي ويا آهن

بقايا سنڌيار 17

هو ته اسان معذور بيروزگار آهيون، اسان جا ٻار بک ۽ بدحالي جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن ڪيترن ئي سالن کان نوڪرين جي فراهمي لاءِ عدالت سان رجوع ڪري رهيا آهيون پر اسان کي سرڪاري کاتن ۾ نوڪريون نه ڏنيون پيون وڃن جيڪو سراسر ظلم آهي جيڪو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو، احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته اسان کي سرڪاري کاتن ۾ نوڪريون ڏنيون وڃن ته جيئن باعزت روزگار ملي سگهي، ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو

بقايا سنڌيار 18

قادر ڪبر، سيد اسلم شاهه، غلام نبي جمالي، دلمراد جتوئي، محمد عيدن جتوئي، مرچو پند، سرفراز شاهاڻي، غازي قادر ڪنير، ڊاڪٽر الله بخش پنهور، عبدالخالق لاڪير، علي رضا پليپوٽو، زين گهلو صمد عباسي، ذيشان ڪوڪر، بخشل جمالي، عبدالرزاق جمالي، يونس جمالي، پانڌي چانڊيو افضل جمالي سميت پ پ پ شهيد ڀٽو سان تعلق رکندڙ ضلعي دادو جي سرگرم اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته ڪامريڊ علي محمد جمالي جي خاندان پڻ ورسي تقريب ۾ شرڪت ڪئي، ڪانفرنس هال ۾ ورسي تقريب دوران هڪ ٽي نعرو گونجندو رهيو پرعزم پروقار فاطمہ ذوالفقار، ورسي تقريب کي مرڪزي اڳواڻ ۽ ضلعي دادو جي قيادت خطاب ڪندي چيو ته ڪامريڊ علي محمد جمالي پنهنجي سياست جي شروعات 1979 ع کان ڪئي هي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو ساٿي هو بعد ۾ سالار انقلاب ميرمرتضيٰ ڀٽو جي پارٽي پ پ پ شهيد ڀٽو ۾ شامل ٿي ويو اصول پرست سچو انسان ۽ بهادر ساٿي هو هن ڪيترين ئي مرعاتون ٺڏي ڇڏيون پارٽي سان ساهه جي آخري هڏڪي تائين وفادار رهيو. دادو ۾ ڪامريڊ علي محمد جمالي جون پارٽي لاءِ وڏيون قربانيون آهن، اڳواڻن چيو ته هو جسماني طرح اسان کان جدا ٿي ويو آهي پر هو اسان سان روحاني طرح گڏ آهي ۽ نظرياتي ڪارڪن هجڻ ڪري اڄ به زنده جاويد آهي تازو 9 مئي تي ملڪ ۾ هڪ سياسي گروپ پاران دهشتگردي ڪئي وئي آهي جنهن سان قومي نقصان پهتو آهي اسان ان عمل جي شديد لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا، ورسي دوران پنهنجي بهادر ساٿي پ پ پ شهيد ڀٽو جي اڳوڻي صوبائي صدر ڪامريڊ علي احمد پليپوٽو سميت شهيد ڀٽو جي سمورن شهيدن کي پڻ ياد ڪيو ويو اڳواڻن چيو ته جلد دنيا جي مشهور ڪالم نگار ۽ مير بابا جي بهادر نياڻي فاطمه ڀٽو ۽ ذوالفقار ڀٽو جونيئر پ پ پ شهيد ڀٽو جي قيادت سنڀاليندا اهو ڏينهن پري ناهي جو اسان شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو سميت پ پ پ شهيد ڀٽو جي سمورن شهيدن جو پلاند ڪنداسين، شهيد ڀٽو جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي اپيل ٿا ڪريون ته پنهنجون صفون مضبوط ڪن. ڪامريڊ علي محمد جمالي جدوجهد جي علامت هو ضياء الحق جي مارشلا واري دور ۾ ضياء جي دادو جي دوري دوران دادو جو عوام جيڪو جمهوريت جي بحالي جي تحريڪ جو حصو رهيو آهي اُن عوام جنرل ضياء جا ڏند کٽا ڪري ڇڏيا هئا. ورسي تقريب ۾ اڳواڻن چيو ته دادو ضلعي ۾ ٻوڏ ۽ برساتن سبب وڏي تباهي آئي آهي ضلعي جا 3 تعلقا سخت متاثر ٿيا آهن انهن تعلقن جي بحالي لاءِ ڪو به ڪم نه ڪيو پيو وڃي عوام اڄ به ڪيترن ئي هنڌن تي کلي آسمان هيٺ ويٺل آهي، سرڪاري اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ سميت سهولتن جي کوٽ هجڻ ڪري دادو جي ڪاچي واري علائقي ۾ ڪيترن ئي بيمارين وبائي صورت اختيار ڪري ڇڏي آهي ان لاءِ اسان پنهنجي قيادت کي اپيل ڪيون ٿا ته شهيد ميرمرتضيٰ ڀٽو جي مشن کي پاءِ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ قيادت سڄي سنڌ جا دورا ڪري ته سنڌ جو باشعور عوام شهيد ميرمرتضيٰ ڀٽو جي بهادر نياڻي فاطمه ڀٽو ۽ ذوالفقار جونيئر جو ساٿ ڏيڻ لاءِ لکن جي تعداد ۾ سنڌن استقبال ڪندو ۽ پ پ پ شهيد ڀٽو وڏي عوامي قوت ٿي اڀرندي، ورسي تقريب ۾ ڪامريڊ علي محمد جمالي جو فرزند مرتضيٰ جمالي خصوصي شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 19

رکيو ويو خبر موجب: ڪوٽ غلام محمد لڳ ديال ڳڙ جو 18 سالا نوجوان ساگر ولد شنڪر ميگهواڙ دين اسلام مان متاثر ٿي مسلمان ٿي ويو مسلمان ٿيندڙ نوجوان ساغر حسين ڪوٽ غلام محمد لڳ واڱهريجي اسٽاپ پهچي مدرسہ دانشگاه جعفريہ واڱهريجي تي دين اسلام قبول ڪيو جتي سنڌس اسلامي نالو ساغرحسين رکيو ويو ساغرحسين پنهنجي ويڊيو بيان ۾ ٻڌايو ته مون سان نه ڪنهن زور زبردستي ڪئي آهي نه ڪنهن ورغلايو آهي مان پنهنجي رضا خوشي سان دين اسلام کان متاثر ٿي اسلام قبول ڪيو آهي ساغرحسين وس وارن ادارن ڊي آئي جي ميرپورخاص ايس ايس پي ميرپورخاص کان تحفظ جي اپيل ڪندي چيو ته منهنجي اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ منهنجا مائٽ برادري جا ماڻهون منهنجا ۽ منهنجي دوستن جا دشمن ٿي پيا آهن مونکي منهنجي مٽن مائٽن مان جان جو خطرو آهي ان لاءِ مونکي تحفظ ڏنو وڃي مونکي ڪجه به ٿيوان جا ذميوار منهنجا مائيٽ ۽ برادري جا ماڻهون هوندا

بقايا سنڌيار 20

هندو برادري جا معززين . پنچائتن. سياسي . سماجي ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪونايل تعزيتي ميڙاڪي ۾ آيلن ڪمل ڪشن جي تصوير آڏو گلن جون پتڙيون رکي ميڻ بتيون ۽ ڏيئا ٻاري پيتا پيش ڪئي . ان موقعي تي اڳواڻن پ پ منارٽي ونگ ڪراچي ڊيويزن سينئر نائب صدر لڪشمن مهيشوري . انساني حقن جي ڪليم دراني. وڪيل دليپ ڪمار لڌواني . ڪڇي مهيشوري ميگهواڙ پنچائت جي ماسٽر نارائڻ. آل هندو پنچائت جي شنڪر لعل. وڪيل بابر مرزا. مهيشوري ايڪشن ڪميٽي جي ويراڳ مل مڪيش ڪمار. نجما مهيشوري . عورت مارچ جي آرگنائيزرن . ڪامريڊ ڪرشن ۽ باغي ساگر پنهوار ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته نيوٽاون پوليس بيگناه ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي ڪمل ڪشن مهيشوري کي قتل ڪيو آهي پوليس جي اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي. سنڌن وڌيڪ چوڻ هو ته نيو ٽاون پوليس جي اهڙي دهشتگردي واري واقعي تي خاموش نه ويهنداسين. هنن انهن سپريم ڪورٽ آف پاڪستان. وزيراعظم پاڪستان. وزيراعلي سنڌ. ڊي جي رينجرز سنڌ ۽ آئي جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته پوليس پاران ڪيل ڪوڙي مقابلي ۾ ملوث پوليس اهلڪارن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪري مقتول جي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 21

عارف قريشي ، دانش خلجي، محمد منشا، صحافي بشير چشتي شاگردياڻي راڌيڪا، شاگرد روهت ڪمار ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان جي فوج ملڪ جي دفاع ۽ سالميت لاءِ تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن. پاڪستان آرمي، جي صبر ۽ استقامت کي ساراهيون ٿا جن انتهائي نظر و ضبط جو ثبوت ڏيندي چڙ ڏياريندڙن جي شرپسندي کي شڪست ڏني

بقايا سنڌيار 22

ته زمين جي ماپ ڪري اصل مالڪ حوالي ڪئي وڃي پر ٽپيدار ۽ مختيارڪار عزيز پٽي ملي ويا آهن مون سان انصاف نه ٿيو ته آئون خميس ڏينهن سورج سجاولي پريس ڪلب اڳيان پاڻ کي باهه ڏيئي ساڙيندس ان جو زميوار مختيارڪار عزيز پٽي هوندو ۽ مون کي هن مان جان جو خطرو پڻ آهي. هن جا ماڻهو مون کي موت مار ڌمڪيون پڻ ڏيئي رهيا آهن.

بقايا سنڌيار 23

وڃڻ ٿي چاهيو آئون ڊيگاڻ رستو ويل هئس پاءِ جو ايڪسيڊنٽ ٿيو ان کي ڏسڻ لاءِ ويل هئس ۽ گهر وارا عمرڪوٽ فڏيئي فوتگي تي ويل هئا گهر ڪير به نه هو آئون جيئين ڊيگاڻ تان واپس آيس ته هن گلي ۾ رسو وجهي ڦاهو کائي ڇڏيو هو

بقايا سنڌيار 24

حيدرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻو جي حاضر سروس ۽ ريٽائرڊ ٿي ويل ملازمن کي ٻن اپريل ۽ 17 اپريل کان مئي مهيني جي عيد ايڊوانس اعلانيل پگهار ناهي ملي، جڏهن ته سنڌ حڪومت طرفان سمورن سرڪاري کاتن جي حاضر سروس ۽ ريٽائرڊ ملازمن کي عيدالفطر کان اڳ مئي مهيني جي پگهار ايڊوانس ڏيڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو هيو پر تنهن باوجود چاٽايل سنڌ صوبي جي سائيٽ ايريائن جو انتظامي وهنوار هلائيندڙ لاڳاپيل سائيٽ انجنيئرن ۽ اڪائونٽ آفيسرن طرفان پينشنرن سميت ٻين ملازمن کي اپريل ۽ مئي مهيني جي پگهار جي ادائيگي ناهي ڪئي وئي جنهن سبب سائيٽ جا ملازم عيد جون خوشيون ڀرپور انداز سان ملهائي نه سگهيا، ان ڏس ۾ سکر سائيٽ آفيس جو ريٽائرڊ فوتي ملازم نورالدين شر جي بيوه مائي رضيہ خاتون، پينشنر غلام محمد ڏيهو امداد ماڪو ميهرالدين شيخ، هاشم لڪڻ، عثمان گهنجو ۽ ٻين ڏاهيندي ٻڌايو ته سائيٽ سکر جي اڪائونٽنٽ انتظاميہ سان ملي پڳت ڪري اپريل ۽ مئي مهيني جي عيد ايڊوانس پگهار نه ڏئي ناحق ڪير آهي جڏهن ته سکر سائيٽ جي بينڪ اڪائونٽ ۾ هن وقت به 28 لک روپين کان وڌيڪ رقم جمع پيل آهي ۽ سکر سائيٽ جي سمورن ريٽائرڊ ٿي ويل ملازمن جي ماهوار پينشن جي رقم 14 لک 87 هزار 980 روپيہ ٿئي ٿي، پر اڪائونٽنٽ محمد وقاص شيخ ريٽائرڊ ملازمن کي پينشن ڏيڻ کان نابري واري ويٺل آهي. اسان پينشن جي حاصلات لاءِ اڪائونٽنٽ جي آفيس جا چڪر ڪاٽي ڪاٽي ٿڪجي پيا آهيون هنن صوبائي وزير صنعت ۽ تجارت جام اڪرام الله ڌاريجو ايم ڊي سائيٽ ۽ ٻين وس وارن کان ملازمن ۽ پينشنرن سان ٿيندڙ ناجائزي جو نوٽيس وٺي ٻن مهينن جي رهيل پينشن ڏيارڻ جو مطالبو ڪيو آهي. ٻي طرف سائيٽ جي حاضر سروس ملازمن محمد نواز، حبيب الله، ملڪ حسين، محمد راشد، عمران احمد، الهرکيو ۽ ٻين پڻ ڏاهيندي ٻڌايو ته سائيٽ انتظاميہ اپريل ۽ مئي مهيني جي پگهار ناهي ڏني جنهن ڪري روزاني زندگي جو وهنوار هلائڻ ۾ سخت مالي مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي. اختيارن کي شڪايتن باوجود ڪو به تدارڪ ناهي ڪيو ويو. هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي سائيٽ ڪراچي آفيس جي ڊائريڪٽر فنانس خورشيد ڏهراج موبائل فون تي رابطو ٿيڻ بعد ملازمن ۽ پينشنرن کي ٻن مهينن جي پگهار نه ملڻ بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ چيو ته مونکي خبر ناهي ۽ پوءِ موبائل فون بند ڪري ڇڏي.

بقايا سنڌيار 25

ڏيڻ واري تقريب منعقد ڪئي وئي، ان موقعي سماجي ورڪر اعجاز ممنائي ۽ ريجنل مئنيجر نارٿ سنڌ آر بي سي ليب جي انچارج غلام اڪبر ناريجو ريجنل خصوصي شرڪت ڪئي جڏهن ته ڪئمپ لاءِ سهڪار ڪندڙ عبدالفتاح انصاري ۽ ٻين چيو ته فاطميہ فائونڊيشن انسانذات جي بي لوث خدمت ڪري مريضن کي مفت رت فراهم ڪري رهي آهي جيڪي ڪينسر، ٿيليسميا ۽ ڊائلاسز جا مريض اسپتال اندر اچن ٿا انهن کي هاڻي پريشان ٿيڻ جي ضرورت نه آهي،چوته 24 ڪلاڪ بلڊ بئنڪ انهن مريضن جي خدمت لاءِ کليل آهي اڳواڻن چيو ته رت جو عطيو ڏيڻ عبادت آهي چوته جنهن هڪ انسان کي بچايوان پوري انسانيت کي بچايو

بقايا سنڌيار 26

مبتلا ٿي ويا آهن گيسٽرو ۽ ڊائريا ۾ مبتلا ٻارڙن ۾ ايازگل، شايستا، شهاب الدين، عظما، دعا، زينب سميت ڪيترايي ٻار شامل آهن، هتان جي رهواسين خليفي قاسم درس، گلزار درس ۽ ٻين ڊي ايچ او بدين ۽ پي بي ايچ آيي بدين کان گهر ڪيي آهي ته نوٽيس وٺي فورن ٽيمون موڪلي، بنيادي صحت مرڪز خليفوقاسم ۾ دواين جي کوٽ ختم ڪيي وڃي.

بقايا سنڌيار 27

بخش وگهيو غلام حسين ڪوسو ۽ ٻن چيو ته اي سي دادو ڪلارڪ اڪبر ڪنير ڪوڙا بل پاس ڪري مبينا ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ڪري رهيا آهن هن اينٽي ڪرپشن نيب سميت چيف سيڪريٽري ايريگيشن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي چيو ته ڪرپشن جي بي تاج بادشاه اي سي دادو ۽ ڪلارڪ اڪبر ڪنير خلاف قانوني ڪاروائي ڪري ملازمن سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 28

اسلم قريشي، حاجي نصر الله سومرو، حيدر لاکو، نادر لاکو، اياز چوهان، ذيشان، خان در محمد ٻهراڻي، محمد يوسف ڏاهري، راشد لُنڊ، دريا خان ٻهراڻي، تفضل ڏاهري، اسلم پٽي، محمد اقبال خان، يعقوب مسيح، يوسف ۽ ٻين ڊاڪٽر عقيل قريشي کي سنڌس آفيس ۾ گلن جا هار پارائي مبارڪ باد ڏني ۽ مٺائي ڪارائي وئي انهي موقعي تي ايم ايس پي ايم يو اسپتال ڊاڪٽر عقيل قريشي ڳالهائيندي چيو ته مان آرگنائيزنگ ڪميٽي جي عهديدارن جو شڪار گذار آهيان هن چيو ته پي ايم يو اسپتال ۾ مريضن سان جيڪي به درپيش مسئلا آهن اهي جلد حل ڪيا ويندا.

بقايا سنڌيار 29

تي شاه اويس ڪٽنال جدجهد ڪاميٽي جي اڳواڻ حاڪم ڪوسو امجد ڪوسو علي اختيار ڪوسو مهدي ڪوسو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيوت شاه اويس ڪٽنال تي غيرقانوني دڪا ۽ نوليون هٽي پائي چوري ڪرايو پيو وڃي. جنهن سان پچڙي جي آبادگارن جي هزارين ايڪڙ زمين بنجر ٿي وئي آهي جنهن سان سنڌن معاشي قتل ڪيو پيو وڃي پاڻي کوٽ سبب زراعت سان گڏ انسان چوپايو مال پڻ اڄ مري رهيو آهي هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته هڪ هفتي ۾ پچڙي جي آبادگارن کي پاڻي نه مليو ت انڊس هاءِ وي روڊ بند ڪنداسين

بقايا سنڌيار 30

۾ ڦندو وجهي خودڪشي ڪري ڇڏي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو آخري اطلاعن تائين پوسٽ مارٽم نه ڪرايو ويو

بقايا سنڌيار 31

احتجاج ڪندڙ انيومريٽرن جو چوڻ هو ته مردم شماري مهم ۾ شامل ڊوڪريءَ تعلقي جي سمورن انيومريٽرز ڏکين حالتن باوجود به ڏورانهن علائقن تائين رسائي ڪري، سڪيورٽي جي اڻهوند ۽ بغير ڪنوينس جي ايمانداريءَ سان ڪم ڪيو پر هن وقت تائين کين سنڌن ڪم جو معاوضو نه ڏنو ويو آهي. هنن چيو ته مردم شماري مهم ۾ انيومريٽرز کان هڪ مهيني جي بجاءِ اڍائي مهينا ڪم ورتو ويو ۽ سيني انيومريٽرز پنهنجي پاران مردم شماري واري عمل کي پورو ڪرڻ لاءِ مڪمل فرض شناسيءَ سان ڪم ڪيو پر موٽ ۾ کين سگها آسرا ڏئي کين معاوضي کان رهايو ويو آهي، جڏهن ته سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي علائقن ۾ سمورن انيومريٽرز کي اجرت ملي چڪي آهي. احتجاج ڪندڙن انيومريٽرز مطالبو ڪيو ته اعلي عهدن تي ويٺل سنڌن احتجاج جو فوري طور نوٽيس وٺي کين معاوضو ڏياريو وڃي.

بقايا سنڌيار 32

سان عذر خواهي ڪرڻ بعد ميڊيا وارن سان ڪيل ڳالهه ٻولهه ۾ ڪيوان موقعي تي هن چيو ته پوليس پنهنجون ڀرپور ڪاروايون ڌوهارين خلاف جاري رکندي اسان ڌوهارين جي هر ڪاروائي ۽ حملي جو منهن ٽوڙ جواب ڏينداسين اسان پوئتي هٽڻ وارا ناهيون پوليس جي تازين شهادتن بابت پڇيل هڪ سوال ۾ هن چيو ته اڳي پوليس نه وڙهندي هئي ته شهادتون به نه ٿينديون هيون هاڻي پوليس وڙهي ٿي مزاحمت ڪري ٿي ته نقصان به ٿئي ٿو هن چيو ڪشمور ۾ امن امان جي صورتحال بهتر ٿي ويندي ان موقعي ايس ايس پي ڪشمور عرفان علي سمون پاران شهيد اهلڪار غلام نبي سومرو،جي، ٻين پٽن کي ب نوڪريون هڪ ڪروڙ رپيا ۽ مرحوم جي اولاد جي لاءِ سنڌس تعليم جو خرچ ڏيڻ جو اعلان به ڪيو ۽ جيڪي ماڻهو اغوا ٿيا آهن انهن کي ترت بازياب ڪرائي ضلعي جو امن امان بحال ڪرائبو

بقايا سنڌيار 33

اويس بجار خان جوکيو چيو ته ٽڪ جي عوام کي اسان ڪڏهن به اڪيلو ناهي ڇڏيو سنڌن هر وقت مڪمل مالکي ڪئي آهي هر سال جيان هن دفعي به برساتن ۾ شهرن کي بهترين سهولتون فراهم ڪنداسين چام اويس چيو ته مخالفن اهو سمجهيو ته شايد ميدان خالي ٿي ويو آهي ته چام جي سياست ختم ٿي وئي آهي آئون انهن سياسي يتيمن کي چوان ٿو ته پنهنجا قبلا درست ڪريو عوام جي مالکي ڪرڻ وارا پهچي ويا آهن تعلقي ساکري جي عوام جي ڀرپور مالکي ڪبي انهيءَ موقعي تي ٽائون ايڊمنسٽريٽر گهارو عبدالغفور هيجب حاجي بيت الله جوکيو مولوي محمد قاسم چانڊيو پون داس ٽڪياڻي ۽ ٻيا پڻ سائنس گڏ هئا.

بقايا سنڌيار 34

ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪئي، جنهن بعد 3 مئي 2023 ع تي سيشن ڪورٽ ۾ ضمانت لاءِ آيل ايف آئي آر ۾ نامزد جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪڙيو گنهور پوليس سميت بدين سميت مختلف ٿاڻن سان وابستگي رکندڙ پوليس بااثر محمود چيما ۽ آئي جي سنڌ جو سنڌو سڏائيندڙ رياض ميمڻ سيشن ڪورٽ بدين پهتا، جنهن بعد 4:31 منٽن تي سيشن ڪورٽ جي دروازي اڳيان ايف آئي آر ۾ نامزد سمورن جوابدارن کي ڪڙيو گنهور پوليس گرفتار ڪيو ان وقت جون وڊيوز ۽ تصويرون موجود آهن. بعد ۾ کين ايس ايچ او ڪڙيو گنهور الاول خاصخيلي گم ڪري ڇڏيو ۽ 6 مئي 2023 ع تي سيشن ڪورٽ ۾ پيش ڪيو جتي جوابدارن تي 5 مئي 2023 ع تي جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪرڻ ۽ جوابدارن وٽان برآمد ٿيل ڪلاشنڪوفن سميت جديد هٿيار پيش ڪيا ويا، مطلب اهو ته 3 مئي 2023 ع تي سيشن ڪورٽ اڳيان گرفتار ٿيل جوابدارن ٻن ڏينهن کان پوءِ جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪئي ۽ پوءِ ڪڙيو گنهور ايس ايچ او الاول خاصخيلي جاءِ واردات تان ساڳين جوابدارن کي گرفتار ڪيو ايس ايچ او ڪڙيو گنهور الاول خاصخيلي پاران بااثرن ايتري ته ونگار جو 5 مئي 2023 ع تي فائرنگ ڪرڻ جون 3 ايف آئي آر پوليس جي فرياد ۾ داخل ڪيون ويون. اگر سموري واقعي ۽ ايس ايچ او ڪڙيو گنهور الاول خاصخيلي جي ونگار ڏسجي ته انهي ڳالهه جو اندازو انهي ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته 1 اپريل تي داخل ڪيل ڪيس کي تقريبن 45 ڏينهن گذري چڪا آهن پر ايس ايچ او صاحب ڪورٽ سگهوري ۾ ڪيس جو چالان ئي پيش نه پيو ڪري، چالان پيش نه ڪرڻ جو مطلب هر ڪنهن کي خبر آهي. اسان آئي جي سنڌ ۽ ايس ايس پي بدين کي گذارش ٿا ڪريون ته هن سموري معاملي جي ذاتي طور تي جانچ ڪن ته ايس ايچ او ڪڙيو گنهور الاول خاصخيلي سميت پوليس ۾ شامل ڪاريون رڍون ۽ بااثرن جي ونگار تي ڪم ڪندڙ واڪا ٿي ويندا، ٻي صورت ۾ هي بااثرن جي ونگار تي ڪم ڪندڙ غريب ماڻهن کي سکون سان رهڻ نه ڏيندا.

بقايا سنڌيار 35

قادر ڪبر، سيد اسلم شاهه، غلام نبي جمالي، دلمراد جتوئي، محمد عيدن جتوئي، مرچو پند، سرفراز شاهاڻي، غازي قادر ڪنير، ڊاڪٽر الله بخش پنهور، عبدالخالق لاڪير، علي رضا پليپوٽو، زين گهلو صمد عباسي، ذيشان ڪوڪر، بخشل جمالي، عبدالرزاق جمالي، يونس جمالي، پانڌي چانڊيو افضل جمالي سميت پ پ پ شهيد ڀٽو سان تعلق رکندڙ ضلعي دادو جي سرگرم اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته ڪامريڊ علي محمد جمالي جي خاندان پڻ ورسي تقريب ۾ شرڪت ڪئي، ڪانفرنس هال ۾ ورسي تقريب دوران هڪ ٽي نعرو گونجندو رهيو پرعزم پروقار فاطمہ ذوالفقار، ورسي تقريب کي مرڪزي اڳواڻ ۽ ضلعي دادو جي قيادت خطاب ڪندي چيو ته ڪامريڊ علي محمد جمالي پنهنجي سياست جي شروعات 1979 ع کان ڪئي هي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو ساٿي هو بعد ۾ سالار انقلاب ميرمرتضيٰ ڀٽو جي پارٽي پ پ پ شهيد ڀٽو ۾ شامل ٿي ويو اصول پرست سچو انسان ۽ بهادر ساٿي هو هن ڪيترين ئي مرعاتون ٺڏي ڇڏيون پارٽي سان ساهه جي آخري هڏڪي تائين وفادار رهيو. دادو ۾ ڪامريڊ علي محمد جمالي جون پارٽي لاءِ وڏيون قربانيون آهن، اڳواڻن چيو ته هو جسماني طرح اسان کان جدا ٿي ويو آهي پر هو اسان سان روحاني طرح گڏ آهي ۽ نظرياتي ڪارڪن هجڻ ڪري اڄ به زنده جاويد آهي تازو 9 مئي تي ملڪ ۾ هڪ سياسي گروپ پاران دهشتگردي ڪئي وئي آهي جنهن سان قومي نقصان پهتو آهي اسان ان عمل جي شديد لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا، ورسي دوران پنهنجي بهادر ساٿي پ پ پ شهيد ڀٽو جي اڳوڻي صوبائي صدر ڪامريڊ علي احمد پليپوٽو سميت شهيد ڀٽو جي سمورن شهيدن کي پڻ ياد ڪيو ويو اڳواڻن چيو ته جلد دنيا جي مشهور ڪالم نگار ۽ مير بابا جي بهادر نياڻي فاطمه ڀٽو ۽ ذوالفقار ڀٽو جونيئر پ پ پ شهيد ڀٽو جي قيادت سنڀاليندا اهو ڏينهن پري ناهي جو اسان شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو سميت پ پ پ شهيد ڀٽو جي سمورن شهيدن جو پلاند ڪنداسين، شهيد ڀٽو جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي اپيل ٿا ڪريون ته پنهنجون صفون مضبوط ڪن. ڪامريڊ علي محمد جمالي جدوجهد جي علامت هو ضياء الحق جي مارشلا واري دور ۾ ضياء جي دادو جي دوري دوران دادو جو عوام جيڪو جمهوريت جي بحالي جي تحريڪ جو حصو رهيو آهي اُن عوام جنرل ضياء جا ڏند کٽا ڪري ڇڏيا هئا. ورسي تقريب ۾ اڳواڻن چيو ته دادو ضلعي ۾ ٻوڏ ۽ برساتن سبب وڏي تباهي آئي آهي ضلعي جا 3 تعلقا سخت متاثر ٿيا آهن انهن تعلقن جي بحالي لاءِ ڪو به ڪم نه ڪيو پيو وڃي عوام اڄ به ڪيترن ئي هنڌن تي کلي آسمان هيٺ ويٺل آهي، سرڪاري اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ سميت سهولتن جي کوٽ هجڻ ڪري دادو جي ڪاچي واري علائقي ۾ ڪيترن ئي بيمارين وبائي صورت اختيار ڪري ڇڏي آهي ان لاءِ اسان پنهنجي قيادت کي اپيل ڪيون ٿا ته شهيد ميرمرتضيٰ ڀٽو جي مشن کي پاءِ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ قيادت سڄي سنڌ جا دورا ڪري ته سنڌ جو باشعور عوام شهيد ميرمرتضيٰ ڀٽو جي بهادر نياڻي فاطمه ڀٽو ۽ ذوالفقار جونيئر جو ساٿ ڏيڻ لاءِ لکن جي تعداد ۾ سنڌن استقبال ڪندو ۽ پ پ پ شهيد ڀٽو وڏي عوامي قوت ٿي اڀرندي، ورسي تقريب ۾ ڪامريڊ علي محمد جمالي جو فرزند مرتضيٰ جمالي خصوصي شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 36

شيون جن ۾ اڇي رنگ جي شاهڪار پوشاڪ، سنڌس وارن ۾ گل ۽ پس منظر ۾ ڪهڪشان جي عنصرن جي عڪاسي ٿيل آهي جيڪا ڪنهن فنڪار جي امڙ کي دِل کي ڇهندڙ پيتا خودساخته البم "اذان دي البم" جي تمام وڏي تصويري جهلڪ آهي. اذان سميع خان پنهنجي انسٽاگرام تي آرٽ ورڪ پوسٽ ڪندي ڪيپشن ۾ چيو آهي ته "سوچيو هو ته البم لاءِ ڀهريون آرٽ ورڪ پڌرو ڪرڻ جو اهو بهترين طريقو هوندو". سنڌس وڌيڪ چوڻ آهي ته البم ۾ ماءُ جي نالي سان هڪ گانو آهي هو نٿو سمجهي ته چوڻ لاءِ وڌيڪ ڪجهه آهي منهنجي لاءِ ماءُ منهنجي "امڙ" لاءِ آهي، تنهنڪري مونکي اميد آهي ته هڪ ڏينهن اهو اوهان لاءِ به هوندو رُڳو هڪ ڀيرو اچڻ ڏيو". "ماءُ" جي نالي سان اهو گانو خان جي ايندڙ البم جو آهي، جيڪو هن سال رليز ٿيڻ وارو آهي. گلوڪار پنهنجي ٻئي البم جي رڪارڊنگ واري عمل کان اسٽوڊيو اپڊيٽس پنهنجي سوشل ميڊيا تي باقاعدگي سان شيئر ڪري رهيو آهي. هيل تائين خان پروڊيوسر طلال قريشي سان گڏ "من مرضي" نالي سان هڪ ٽريڪ نادان دل جي تياري پڻ شيئر ڪئي آهي ان سان گڏوگڏ انسٽا گرام تي پنهنجي مداحن لاءِ منعقد ڪيل هڪ لائيو سيشن ۾ البم همدم جي هڪ ٻئي گاني جي جهلڪ پڻ ڏني آهي. هُن لندن ۾ رڪاردن سيشن جون جهلڪون پڻ شيئر ڪيون آهي جيڪي سنڌس ڊجيٽل پليٽ فارمز تي فلمايون ويون آهن. اذان سميع خان کي تنقيدي طور تي ساراهي ويندڙ فلمن جهڙوڪ پري هٽ لو ۽ سپر اسٽار، ان سان گڏوگڏ ڊراما سيريلز ڪجهه انکهي، عشق لاءِ ۽ ٻين جي اصل او ايس ٽي ڪمپوز ڪرڻ جو اعزاز حاصل آهي. هي البم خان طرفان هن کان ڀهرئين البم "مين تيرا" کان پوءِ ٻي پيشڪش طور آيو آهي. خان جي نئين البم اذان جي رليز بابت اپڊيٽس لاءِ سنڌس سوشل ميڊيا پليٽ فارم سان ڳنڍيل رهو.

بقايا سنڌيار 37

هندو برادري جا معززين . پنچائتن. سياسي . سماجي ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪونايل تعزيتي ميڙاڪي ۾ آيلن ڪمل ڪشن جي تصوير آڏو گلن جون پتڙيون رکي ميڻ بتيون ۽ ڏيئا ٻاري پيتا پيش ڪئي . ان موقعي تي اڳواڻن پ پ منارٽي ونگ ڪراچي ڊيويزن سينئر نائب صدر لڪشمن مهيشوري . انساني حقن جي ڪليم دراني. وڪيل دليپ ڪمار لڌواني . ڪڇي مهيشوري ميگهواڙ پنچائت جي ماسٽر نارائڻ. آل هندو پنچائت جي شنڪر لعل. وڪيل بابر مرزا. مهيشوري ايڪشن ڪميٽي جي ويراڳ مل مڪيش ڪمار. نجما مهيشوري . عورت مارچ جي آرگنائيزرن . ڪامريڊ ڪرشن ۽ باغي ساگر پنهوار ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته نيوٽاون پوليس بيگناه ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي ڪمل ڪشن مهيشوري کي قتل ڪيو آهي پوليس جي اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي. سنڌن وڌيڪ چوڻ هو ته نيو ٽاون پوليس جي اهڙي دهشتگردي واري واقعي تي خاموش نه ويهنداسين. هنن انهن سپريم ڪورٽ آف پاڪستان. وزيراعظم پاڪستان. وزيراعلي سنڌ. ڊي جي رينجرز سنڌ ۽ آئي جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته پوليس پاران ڪيل ڪوڙي مقابلي ۾ ملوث پوليس اهلڪارن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪري مقتول جي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر بلڊنگس ڊويزن سانگهڙ

No. TC/G-55/276 of 2023   Sanghar, Dated: 15/05/2023

واڪن لاءِ ڪوٽ

دلچسپي رکندڙ بولي ڏيندڙن/فرمز کان جيڪي ايس پي پي آر اي رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) تحت اسٽينڊرڊ بڊنگ ڊاڪيومينٽس تحت هيٺ ڏنل ڪمن لاءِ مهربند واڪ گهرائجن ٿا.

ايس نمبر	ڪم جو نالو	تعلقو	ڪُل لاڳت	پي اي سي ۾ ڪيٽگري رجسٽريشن	بڊ سيڪيورٽي	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو
	اي ڊي پي اسڪيم 23_2022						
1	تعلقي جام نوازعلي ڊسٽرڪٽ سانگهڙ جي مختلف ڳوٺن ۾ سولر لائٽس ۽ پولن جي تنصيب فراهمي	ج.اين.علي	18.000	C_6	5٪ بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	18 (مهينا)
2	ڊي سي آفيس سانگهڙ ۾ سولر سسٽم جي فراهمي سان ڊي سي آفيس جي رينوويشن/ ريهيبليٽيشن ۽ ڪميٽي روم لاءِ سائونڊ سسٽم	سانگهڙ	5.000	C_6	5٪ بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	18 (مهينا)
3	ڊي سي هائوس سانگهڙ جي ريهبليٽيشن/رينوويشن	سانگهڙ	5.000	C_6	5٪ بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	18 (مهينا)
4	درگاهه آف بلال مسجد عيد گاهه/مرڪزي عيد گاهه سٽي سانگهڙ جي ريهبليٽيشن/رينوويشن	سانگهڙ	5.000	C_6	5٪ بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	18 (مهينا)
5	ڳوٺ حاجي احمد ناريجو تعلقي ۽ ڊسٽرڪٽ سانگهڙ ۾ ڊسپينسري جي تعمير	سانگهڙ	3.600	C_6	5٪ بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	18 (مهينا)
6	کپرو سٽي ۾ فيميل ڪميونٽي هال (رهيل ڪم)	کپرو	6.00	C_6	5٪ بڊ ڪال ڊپازٽ	3000	18 (مهينا)

ٽينڊرن جا شرط ۽ ضابطا:

2 بوليءَ جا دستاويز سيني دلچسپي وٺندڙن کي واپسي جي درخواست تي جاري ڪيا ويندا. جيڪي هيٺ ڏنل ايڊريس تي هر ڪم جي مقابلي ۾ ڏيکاريل آهن نقد رقم ۾ بلڊنگ دستاويزن جي فيس (ناقابل واپسي) جي ادائگي تي فرم جي اصل ليٽرهيڊ تي هيٺ دستخط ٿيل ايڊريس تي.

3 خريداري جو طريقو سنگل اسٽيج ۾ لفافا

4 ٺيڪيدار کي لازمي طور تي ٽينڊر دستاويزن ۾ سنڌن مڪمل ۽ صحيح موجوده پوسٽل ايڊريس جو ذڪر ڪرڻ گهرجي ۽ قيمتن کي لفظن ۽ انگن ۾ بيان ڪرڻ گهرجي نامڪمل / مشروط ٽينڊرز قبول نه ڪيا ويندا.

5 نامڪمل/ مشروط بولون قبول نه ڪيون وينديون ۽ صحيح طور تي رد ڪيون وينديون.

6 ان صورت ۾، کولڻ جي تاريخ کي حڪومت طرفان سرڪاري موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي، يا ڪنهن به سبب جي ڪري غير ڪم ڪندڙ ڏينهن. ايندڙ سرڪاري ڪم واري ڏينهن کي هڪ ئي وقت تي ٽينڊر جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ سمجهيو ويندو.

7 پروڪيورنگ ايجنسي ڪنهن به وقت ڪنهن بولي يا پروپوزل جي قبوليت کان اڳ سڀ يا ڪنهن به بولين/ٽينڊرز کي رد ڪري سگهي ٿي جنهن سان لاڳاپيل شقن جي حوالي سان SPPRA قاعدن سان مشروط آهي.

8 ٽينڊر جي افتتاح واري ڏينهن هيٺ دستخط ٿيل يا پروڪيورمينٽ ڪميٽي جو ڪو به ميمبر غير حاضر هجڻ جي صورت ۾، ٽينڊر ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ جڳهه تي کوليا ويندا.

ايس#	خاص	پهرين ڪوشش	ٻين ڪوشش
اي	واڪ دستاويزن جي اجراء جي تاريخ	پريس ۾ اشاعت جي تاريخ کان وٺي SPPRA جي ويب سائيٽ تي 02.06.2023 تائين صبح 9:00 وڳي آفيس ايگزيڪيوٽو انجنيئر بلڊنگ ڊويزن ايٽ گورنمينٽ: بوائز ڊگري ڪاليج هاسٽل بلاڪ سانگهڙ.	12.06.2023 تي 9:00 وڳي صبح
بي	واڪ جمع ڪرائڻ جي تاريخ	02.06.2023 تي صبح 10:30 بجي آفيس ايگزيڪيوٽو انجنيئر بلڊنگ ڊويزن ايٽ گورنمينٽ: بوائز ڊگري ڪاليج هاسٽل بلاڪ سانگهڙ.	12.06.2023 تي 10:30 وڳي صبح
سي	واڪ کولڻ جو هنڌ وقت ۽ تاريخ	02.06.2023 تي صبح 11.00 وڳي ايگزيڪيوٽو انجنيئر بلڊنگ ڊويزن جي آفيس ايٽ گورنمينٽ: بوائز ڊگري ڪاليج هاسٽل بلاڪ سانگهڙ.	12.06.2023 تي 11:00 وڳي صبح

9. بولي ڏيندڙ جي قابليت/اهليت جو معيار

a. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ رجسٽريشن يا ان کان مٿي (جون 2023 تائين صحيح) ڊسپلين جي قيمتن کي نظر ۾ رکندي، نمبر PEC لائسنس لاءِ گهربل ڪم لاءِ M(4.00)

b. گذريل ٽن سالن جو لاڳاپيل تجربو (ڪم جي فهرست ڪم جي انعام جي خط جي ڪاپي سان ۽ برابر قيمت جي مڪمل ٿيڻ واري سرٽيفڪيٽ يا مٽي.

c. ساليانو ٽران اوور _ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ به پيرا، گذريل 3 سالن ۾ لاڳو ڪيل ڪم جي تخميني لاڳت تائين (ٽرن اوور جو اندازو ساليانو ريٽرن ۽ آڊٽ رپورٽن مان ڪيو ويندو)

d. (ICAP) رجسٽرڊ آڊٽ فرم کان گذريل ٽن سالن جي ساليانو آڊٽ ٿيل رپورٽون. (ICAP) رجسٽرڊ آڊٽ فرمز کان سواءِ جاري ڪيل آڊٽ رپورٽ قبول نه ڪئي ويندي.

e. فيڊرل بورڊ آف ريونيو (FBR) سان صحيح رجسٽريشن ۽ گذريل ٽن سالن جي ساليانو انڪم ٽيڪس ريٽرن.

f. سنڌ ريونيو بورڊ (SRB) وٽ صحيح رجسٽريشن

g. بڊ سيڪيورٽي 5٪ (پنج سيڪڙو) ڪال ڊيپازٽ جي شڪل ۾ پاڪستان جي ڪنهن به شيڊول بئنڪ مان جاري ڪيل اندر دستخطي جي حق ۾ جمع ڪرايو ويندو بوليءَ جا دستاويز جمع ڪرائڻ وقت.

h. اسٽيمپ پيپر تي ضابطو اَٿڻ جيڪا فرم ڪنهن به مقدمي ۾ ملوث نه آهي، ڊپارٽمينٽ رفت، ڇڏي ڏنو آهي يا اڳوڻو ڪم ڇڏي ڏنو آهي يا بلڊنگ ڊويزن يا ٻئي کاتي ۾ ڪنهن به ڪم جي مڪمل ٿيڻ ۾ غير ضروري دير ٿي.

i. اسٽيمپ پيپر تي ضابطو اَٿڻ واري فرم جي نان بليڪ لسٽنگ جي حوالي سان اڳ ۾ حڪومتون، سيمي گورنمينٽ جي خودمختيار ادارن جي طور تي ايگزيڪيوٽو ايجنسي.

j. پائيوارن جي فهرست بابت حلف نامو ڊائريڪٽر / مالڪ وغيره سان گڏ مڪمل معلومات سان گڏ پاور آف اٽارني / واحد مالڪ سان گڏ.

k. اسٽيمپ پيپر تي معاهدو ڪيو ويو آهي ته بولي ڏيندڙ / فرم پاران ڏنل معلومات صحيح آهي.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
بلڊنگس ڊويزن سانگهڙ

پڙهندي سنڌ ته...... وڌندي سنڌ

INF/KRY#1962/23